جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 16 | اربع 20 مئي 2026ع بمطابق 03ذوالحج 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 224

بين الاقوامي ڪمپنين جو اعتماد برقرار رکڻ لاءِ بلوچستان ۾ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ ضروري آهي: وزيراعظم

وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪوئيٽا ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي صوبائي اپيڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي

اجلاس ۾ وزيراعظم کي بلوچستان ۾ سيڪيورٽي، ترقياتي منصوبن جي پيش رفت، منصوبابندي ۽ ٻين معاملن تي بريفنگ ڏني وئي

وزيراعظم بلوچستان ۽ ملڪ جي باقي حصن ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪنيل قدمن تي چيف آف ڊفينس فورسز سيد عاصم منير ۽ پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪيو

وزيراعظم بلوچستان ۾ عوام جي ڀلائي لاءِ ڪنيل مختلف قدمن تي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي ۽ سندس ٽيم جي تعريف به ڪئي. وزيراعظم بلوچستان جي رخشان ڊويزن ۾ فرنٽيئر ڪور کي مقرر ڪرڻ جي هدايت

بلوچستان ۾ معدنيات جي تحفظ لاءِ هڪ راهداري قائم ٿيندي. هن سيڪيورٽي راهداري ۾ فرنٽيئر ڪور جا اضافي ونگ، هاءِ ويز تي سيڪيورٽي چيڪ پوسٽون، نگراني گرڊ، سرحدن تي پوسٽون وغيره شامل هونديون

بلوچستان ۾ انفراسٽرڪچر، تعليم، صحت ۽ مواصلات جي شعبن ۾ ترقياتي منصوبن تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي ته جيئن نوجوانن کي بهتر سهولتون ۽ ترقي لاءِ برابر موقعا فراهم ڪري سگهجن

ڪوئيٽا(رپورٽر)وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪوئيٽا ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي صوبائي اپيڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي. اجلاس ۾ وزيراعظم کي بلوچستان ۾ سيڪيورٽي، ترقياتي منصوبن جي پيش رفت، منصوبابندي ۽ ٻين معاملن تي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم بلوچستان ۽ ملڪ جي باقي حصن ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪنيل قدمن تي چيف آف ڊفينس فورسز /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪوئيٽا: وزيراعظم شهباز شريف اپيڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

بلاول ڀٽو زرداري پنج ڏينهن جي دوري تي لاهور پهچي ويو

لاهور (م د) پيپلز پارٽي (پي پي پي) جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 5 ڏينهن جي دوري تي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ڪي پي حڪومت پاران سوا 2 لک ٽن ڪڻڪ خريدڻ جو اعلان

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه حڪومت زميندارن کان 225,000 ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پاڪستان جي ترقي کي پروپيگنڊا، ڪوڙين خبرن، ٻاهرين حمايت يافته دهشتگردي سان روڪي نٿو سگهجي: فيلڊ مارشل

پاڪستان جي ترقي کي پراڪسيز ۽ ناڪاري پروپيگنڊا ذريعي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪندڙ دشمن قوتون رياست جي مضبوطي ۽ عوام جي اتحاد سبب آخرڪار ناڪام ٿينديون

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، نشان امتياز (ملٽري) ڪوئيٽا گيريزن جو دورو ڪيو

ڪاليج مان تعليم حاصل ڪندڙ آفيسر پنهنجي غير معمولي ڪارڪردگي ۽ پيشيوارانه لگن ذريعي مسلسل نمايان خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن

جنگ جي تيزي سان بدلجندڙ انداز تي روشني وجهندي ايرندڙ ٽيڪنالاجيز، ملٽي ڊومين آپريشنز، ٽنهي فوجن جي گڏيل شراڪتداري ۽ مستقبل جي جنگ جي ميدان جي چئلينجز کان باخبر رهڻ جي اهميت تي زور ڀريو

پاڻ کي ۽ پنهنجي فوج کي مسلسل تربيت ڏين ته جيئن جنگ جي بدلجندڙ نوعيت جو اثرائتي انداز ۾ مقابلو ڪري سهگجي. پيشيوارانه مهارت، تياري ۽ آپريشنل برتري جي اعليٰ ترين معيار برقرار رکيا وڃن

بعد ۾ فيلڊ مارشل بلوچستان ۾ مقرر فارميشنز جي آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪئي. موجوده سيڪيورٽي صورتحال جي مختلف رخن تي روشني وجهندي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو

راولپنڊي (م د) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ عوام جي ڀرپور حمايت سان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي ۽ چيو آهي، ته پاڪستان جي ترقي کي پراڪسيز ۽ ناڪاري پروپيگنڊا ذريعي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪندڙ دشمن قوتون رياست جي مضبوطي ۽ عوام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

وزيراعظم محمد شهباز شريف هڪ ڏينهن جي دوري تي ڪوئيٽا پهچي ويو

وزيراعظم جو ڪوئيٽا ايئرپورٽ تي بلوچستان جي گورنر جعفر خان مندوخيل استقبال ڪيو

وزيراعظم نيشنل ايڪشن پلان جي صوبائي اپيڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت پڻ ڪندو

ڪوئيٽا (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف هڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ٽرمپ انتظاميه پاران 1.7 بلين ڊالرن جو اينٽي ويپنائيزيشن فنڊ قائم ڪرڻ جو اعلان

اتحادين کي معاوضو فراهم ڪرڻ آهي جيڪي پاڻ کي غير منصفاڻي جاچ ۽ ڪيسن جو نشانو سمجهن ٿا

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران اندروني ٽيڪس جي سروس خلاف داخل ڪيس جو حصو آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انتظاميه 1.7 بلين ڊالرن جو هڪ فنڊ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن جو مقصد اهڙن اتحادين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پنڪي ڪيس ۾ ڪيترائي معتبر نالا سامهون اچي سگهن ٿا: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڊو چيو آهي ته انمول عرف پنڪي جي ڪيس ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سنڌ اسيمبلي ۾ پرائيويٽ ميمبرن جي ڏينهن جي موقعي تي مخالف ڌر جون ڪيترين ئي پرائيويٽ قراردادون منظور

صوبائي وزيرن جي يقين ڏهاني تي مخالف ڌر جي ميمبرن پنهنجي ڪجهه قراردادون واپس وٺي ڇڏيون

سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر اويس قادر شاهه جي صدارت ۾ شروع ٿيو

ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا هن سان رابطو ڪري تحريڪ واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي: پ پ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ پرائيويٽ ميمبرن جي ڏينهن جي موقعي تي مخالف ڌر جون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ڪوئيٽا: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير تقريب کي خطاب ڪندي

شرجيل انعام ميمڻ پاران رهڙڪي دربار جي گدي نشين سائين سادرام جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هو هندو برادري، سائين سادرام جي عقيدتمندن ۽ پوئلڳن سان برابر جو شريڪ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ رهڙڪي دربار جي گدي نشين سائين سادرام جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ريلوي واري وفاقي وزير سان نيشنل ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪارپوريشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي ملاقات

جديد ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل رابطاڪاري، ڪميونيڪيشن سسٽمز جي بهتري ۽ گڏيل تعاون جي مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

پاڪستان ريلوي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ اداره جاتي تعاون انتهائي اهميت رکي ٿو

اسلام آباد: وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي سان نيشنل ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪارپوريشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ملاقات ڪندي

اسلام آباد (بيورو) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان سعودي عرب ۾ مقرر پاڪستاني سفير احمد فاروق جي مُلاقات

واپار، سيڙپڪاري، توانائي ۽ انساني وسيلن جي ترقي سميت سيني شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جي اهميت تي زور ڏنو

نائب وزيراعظم سعودي عرب ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري سان مسلسل رابطي جي ضرورت تي پڻ زور ڏيندي انهن جي تعميري ۽ مثبت ڪردار کي ساراهيو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان سعودي عرب ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان سعودي عرب ۾ مقرر پاڪستاني سفير احمد فاروق ملاقات ڪندي

سنڌ حڪومت ڪراچي سميت سڄي صوبي جي ماڻهن کي آرامده سفري سهولتون فراهم ڪرڻ چاهي ٿي: شرجيل انعام ميمڻ

مستقبل ۾ سرڪاري بسون بايو گيس تي نه پر اي وي تي هلنديون. بهرحال، ريڊ لائن بي آر ٽي منصوبي تحت بايو گيس پلانٽ لڳايو ويندو. هن منصوبي لاءِ ٽينڊر اينڊر مهيني منعقد ڪيو ويندو

بايو گيس کي ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو. گرين لائن تي سفر ڪندڙ پهريان 50,000 مسافر هئا، پر هاڻي اهو انگ 95,000 مسافرن تائين وڌي ويو آهي

پيپلز بس سروس، پنڪ بس، اي وي بس لاءِ معاهدا ڪيا ويا هئا ۽ اهي سيئي معاهدا مڪمل طور تي شفاف هئا پئسا هڪ وفاقي سرڪاري ڪمپني کي ڏنا ويا ۽ وفاقي ايجنسي بسون خريد ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي سميت سڄي صوبي جي ماڻهن کي آرامده سفري سهولتون فراهم ڪرڻ چاهي ٿي. مستقبل ۾ سرڪاري بسون بايو گيس تي نه پر اي وي تي هلنديون. بهرحال، ريڊ لائن بي آر ٽي منصوبي تحت بايو گيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

هلندڙ منصوبن کي وفاقي حڪومت جي ترجيحن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي: احد چيمه

ملاقات ۾ گڏيل تعاون ۽ مستقبل جي ترقياتي منصوبن سان سلهاڙيل معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

پاڪستان بئنڪ جو اهم اسٽريٽجڪ ترقياتي شراڪتدار آهي جنهن لاءِ بئنڪ جو مجموعي پورٽ فوليو اٽڪل 3.5 ارب ڊالرن تي پهتل آهي

اي آءِ آءِ بي جي مستقبل جي مدد کي قومي ترجيحن موجب هم آهنگ بڻائي سگهجي

اسلام آباد (بيورو) اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد چيمه چيو آهي، ته وڌ کان وڌ ترقياتي اڳيرائي لاءِ پرڏيهي اقتصادي مدد تي هلندڙ منصوبن کي وفاقي حڪومت جي ترجيحن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي. هن اها ڳالهه گڏ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

اربن فارسٽ پروجيڪٽ ڪراچي جي آلودگي گهٽائڻ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو: ميئر ڪراچي

هي اربن فارسٽ منصوبو ڪراچي کي هڪ سرسبز ۽ ماحول دوست شهر بڻائڻ جي لاءِ هڪ اهم قدم آهي

اربن فاريسٽ پراجيڪٽ ڪراچي ۾ هوائي آلودگي گهٽائڻ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو

ماحولياتي بهتري لاءِ وڻ لڳائڻ جي مهم کي تيز ڪيو ويو آهي. شاهراه ڀٽو تي نيم، گل مهر ۽ پيا وڻ لڳايا ويندا

ڪراچي(رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جو چوڻ آهي ته اربن فاريسٽ پراجيڪٽ شهر ۾ آلودگي گهٽائڻ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته شاهراه ڀٽو تي 10 هزار وڻ لڳايا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڪراچي: صوبائي وزير جام خان شورو ٽيليفون تي شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 67 هزار 600ڪيوسڪ

ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 37 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. اڱاري ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ملير هالٽ کان گهگهر ڦاٽڪ تائين روڊ ڪراچي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ انتهائي اهم شاهراهه آهي: علي حسن زرداري

تنهن ڪري سنڌ حڪومت ان کي وڏيڪ ويڪرو، خوبصورت ۽ جديد بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي

منصوبو ٽن مهينن اندر مڪمل ڪيو ويندو ته جيئن شهرين کي ٽريفڪ جي مسئلن ۾ رليف ملي سگهي

چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه ۽ صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز علي حسن زرداري جي گڏيل صدارت هيٺ ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) ورڪس اينڊ سروسز واري صوبائي وزير علي حسن زرداري چيو آهي ته ملير هالٽ کان گهگهر ڦاٽڪ تائين روڊ ڪراچي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ انتهائي اهم شاهراهه آهي. تنهن ڪري سنڌ حڪومت ان کي وڏيڪ ويڪرو، خوبصورت ۽ جديد بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته منصوبو ٽن مهينن اندر مڪمل ڪيو ويندو ته جيئن شهرين کي ٽريفڪ جي مسئلن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

تعليم ۽ صحت جا شعبا منهنجي دل جي ويجهو آهن: سينيٽ چيئرمين

سينيٽ چيئرمين پاران نرسنگ برادري، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ صحت جي شعبي سان واڳيل ماڻهن کي خراج تحسين پيش

هڪ مضبوط، اُسرندڙ ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ معياري صحت ۽ تعليم جي فراهمي اٽر آهي

پاڪستان جي اسپتالن جو معيار اهڙو هئڻ گهرجي ته شهرين کي علاج لاءِ پرڏيهه وڃڻ جي ضرورت پيش نه اچي

اسلام آباد (رپورٽر) سينيٽ جي چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني نرسنگ برادري، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ صحت جي شعبي سان واڳيل ماڻهن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته تعليم ۽ صحت جا شعبا منهنجي دل جي ويجهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ايف بي آر جون آفيسون 23 ۽ 24 مئي تي کليل رهنديون

ٽيڪس آفيسون (آر ٽي اوز) ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن 23 ۽ 24 مئي 2026ع تي کليل رهنديون

آفيسون 23 ۽ 24 مئي 2026ع تي ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسن جي وصولي لاءِ معمول مطابق ڪم ڪنديون

اسلام آباد (بيورو) ٽيڪس ڏيندڙن جي سهولت کي نظر ۾ رکندي ايف بي آر جون سموريون وڏيون ٽيڪس آفيسون (ايل ٽي اوز)، وچولي ٽيڪس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پاڪستان گنڌارا تهذيب جي عظيم ورثي جي تحفظ، ترويج ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقلي لاءِ پرعزم آهي: وفاقي وزير

گنڌارا تهذيب جي عظيم ورثي جي تحفظ، ترويج ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقلي لاءِ پرعزم آهي

گنڌارا تهذيب ۽ گوتم ٻڌ جي تعليم انسانيت کي برداشت، گڏيل بقا، ڳالهين ۽ امن جو پيغام ڏئي ٿي

قديم گنڌارا تهذيب، جنهن جا آثار ٽيڪسلا، سوات، پشاور، مردان ۽ چارسده ۾ پکڙيل آهن

ٻڌ تعليم، فن، تعميرات ۽ فلسفي کي هٿي وٺائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو

اسلام آباد (بيورو) قومي ورثي ۽ ثقافت ڊويزن واري وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي چيو آهي، ته پاڪستان دنيا جي اهم ترين ٻڌ تهذيبي مرڪزن مان هڪ جي امين هئڻ تي فخر محسوس ڪري ٿو ۽ گنڌارا تهذيب جي عظيم ورثي جي تحفظ، ترويج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

وفاقي وزير ۽ ڊاڪٽر ثانيه نشتر جي ورلڊ هيلٿ اسيمبلي جي موقعي تي ملاقات

پاڪستان ۾ ويڪسينيشن ڪوريج ۾ بهتري، شراڪتداري کي هٿي وٺائڻ ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون

وفاقي وزير صحت ڊاڪٽر ثانيه نشتر جو ٿورو ادا ڪندي گاوي جي خدمتن جي تعريف ڪئي

ٻارن جي صحت جو تحفظ ۽ ويڪسينيشن ڪوريج ۾ اضافو پاڪستان حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: مصطفي ڪمال

قومي ويڪسين پاليسي جي منظوري حاصل ڪئي وئي آهي ۽ ان جي اثرائتي نموني لاڳو ٿيڻ لاءِ عملي قدم جاري آهن

اسلام آباد (بيورو) صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال ۽ ويڪسينيشن جي عالمي اداري گاوي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر ثانيه نشتر جي 79هين ورلڊ هيلٿ اسيمبلي جي موقعي تي اهم ملاقات ٿي. جنهن ۾ پاڪستان ۾ و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: وفاقي وزير مصطفي ڪمال سان ڊاڪٽر ثانيه نشتر ملاقات ڪندي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي

100 انڊيڪس 1091.66 پوائنٽس جي اضافي کانپوءِ 162896.68 پوائنٽس تي بند

مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 562 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1091.66 پوائنٽس جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پنجاب جي تعليمي ادارن ۾ گرمي جون 3 مهينا موڪلون ڏيڻ جو قدم هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج

لاهور (م د) پنجاب جي تعليمي ادارن ۾ گرمي جون 3 مهينا موڪلن ڏيڻ جو قدم لاهور /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سنڌ هاري ڪاميٽي پاران سنڌ جي نامياري شاعره مريم مجيدي جي لاڏاڻي ڏک جو اظهار

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاري ڪاميٽي پاران سنڌ جي نامياري شاعره مريم مجيدي جي لاڏاڻي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

اسلام آباد: وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي جو پرڏيهي وفد سان نڪتل گروپ فوٽو

سڪديو همناڻي پاران هندو برادري جي روحاني پيشوا سنت سائين سادرام جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

سنت سائين سادرام جي وڇوڙي جي خبر ٻڌي دلي صدمو پهتو آهي

خاص طور سنڌ جي عوام ۽ مرحوم جي عقيدتمندن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪري ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان سڪديو همناڻي هندو برادري جي روحاني پيشوا سنت سائين سادرام جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

حيدرآباد جي مصطفيٰ پارڪ پرسان پچياري واهه ۾ وهنجندي هڪ نوجوان ٻڏي ويو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي مصطفيٰ پارڪ پرسان پچياري واهه ۾ وهنجندي 35 ورهين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پاڪستان سميت 10 ملڪن جي پرڏيهي وزيرن طرفان گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيلي حملن جي مذمت

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان سميت مختلف ملڪن غزه امدادي ڪٽي ويندڙ گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيلي حملن جي سخت لفظن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر اين اي اي سي جو وائيس چيئرمين مقرر

مقرري سنڌس زرعي تعليم جي شعبي ۾ سنڌن نمايان تعليمي ڪارڪردگي ۽ خدمتن جي مڃتا طور ڪئي وئي

باقاعده طور تي ايڇ اي سي ڪوآرڊينيشن ڊويزن طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

حيدرآباد (رپورٽر) هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي پروفيسر ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر کي نيشنل ايگري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڀارتي جهازن لاءِ پاڪستاني هوائي حدن تي پابندي ۾ واڌ

پاڪستان سول ايوئيشن اٿارٽي پاران جاري ڪيل "نوٽس ٽو ايئرمين" (NOTAM) ۾ ڏني وئي

پابندي ۾ واڌ 19 مئي صبح 10 لڳي 40 منٽن کان لاڳو ٿي ۽ اها پابندي 24 جون صبح 4 لڳي 59 منٽن تائين برقرار رهندي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي هوائي حدن کي ڀارتي شهري ۽ فوجي جهازن لاءِ استعمال ڪرڻ تي پابندي هڪ مهيني لاءِ وڌيڪ وڌائي وئي آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ٽڪ ٽاڪر ثنا يوسف قتل ڪيس جي جوابدار کي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي، 24 لک روپيه ڏنڊ لاڳو

اسلام آباد (بيورو) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽس اسلام آباد ٽڪ ٽاڪر ثنا يوسف جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

هر مريض جي جان اسان لاءِ انتهائي قيمتي آهي: ڊاڪٽر عذرا پيچوهو

جيئن وڌ کان وڌ ماڻهن کي بيمارين ۽ انفيڪشنز کان محفوظ بڻائي سگهجي

صفائي سٿرائي ۽ حفظان صحت جي اصولن ۽ ايس او پيز تي ڪنهن به قسم جي نرمي برداشت نه ڪئي ويندي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو آهي ته هر مريض جي جان اسان لاءِ انتهائي قيمتي آهي. تنهن ڪري صحت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

صحت وزارت پاران سڄي ملڪ ۾ ايڇ آءِ وي ۽ هيپاٽائٽس بي ۽ سي جي روڪٿام لاءِ فوري حفاظتي قدمن جي هدايت

صحت واري وزارت طرفان چئني صوبن، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي حڪومتن کي باضابطا خط موڪلي ڇڏيو

وفاق جي انتظام هيٺ اسپتالن، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسن ۽ اسلام آباد هيلٿ ڪيئر ريگوليٽري اٿارٽي کي به خصوصي هدايتون جاري ڪيون

هر قسم جي طبي ۽ جراحي عمل کان اڳ مقرر اسڪريننگ پروٽوڪول تي سختي سان عملدرآمد يقيني بنايو وڃي: مصطفي ڪمال

اسلام آباد (بيورو) قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال جي هدايت تي صحت واري وزارت، سڄي ملڪ ۾ ايڇ آءِ وي ۽ هيپاٽائٽس بي ۽ سي جي روڪٿام لاءِ فوري حفاظتي قدمن جون هدايتون جاري ڪيون آهن. صحت واري وزارت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

پاڪستاني حج پانڌيئڙن سان گفتگو جي انداز ۽ اخلاق تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: وفاقي وزير

حاجين کي هر لمحي پاڪستان حڪومت، مذهبي معاملن واري وزارت ۽ حج مشن سان گڏ هجڻ جو احساس ٿئي

حاجي سڄورا پاڪستان جي مختلف علائقن مان آيا آهن جن جون ٻوليون ۽ ڪلچر الڳ الڳ آهي

چيف ڪوآرڊينيٽر مرزا علي محسوس سميت پاڪستان حج مشن جون ٻيون اختياريون به موجود هيون

مڪ مڪرمه (م د) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي ته مقدس ماڳن (منيٰ، عرفات، مزدلفه، جمرات) ۾ پاڪستاني حج پانڌيئڙن سان پنهنجو رويو ۽ ڳالهائڻ جو انداز بهترين رکو ته جيئن حاجين کي هر لمحي پاڪس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

مڪ مڪرمه: وفاقي وزير سردار محمد يوسف تقريب کي خطاب ڪندي

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اربع 20 مئي 2026ع بمطابق 03ذوالحج 1447ھ

شاگرد تنظيمون سازشن کي ناڪام بڻائين

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ٽيون ڏينهن پڻ شاگرد تنظيمن ۾ جيڪو جهيڙو ٿيو فائرنگ جو واقعو ٿيو جنهن ۾ شاگرد زخمي ٿيو ۽ ڇڪتاڻ وڌڻ کان پوءِ هاسٽل جي پڻ ڪمرن کي جيڪا باهه لڳي آهي تنهن شاگرد دوست حلقن ۾ ڳڻتي جي نئين لهر پيدا ڪري ڇڏي آهي.

اسان جو خيال اهو آهي ته شاگرد تنظيمن ۾ جهيڙي جو ڪو جواز نه هئڻ گهرجي يا نه ڏيڻ گهرجي. شاگرد تنظيمن ۾ جواز نه هئڻ گهرجي يا نه ڏيڻ گهرجي. شاگرد تنظيمن ۾ جهيڙن جي ذميوار بظاهر ڪهڙي به ڌر هجي پر اسان انهن جهيڙن کي ان سنڌي چوڻي تحت ڏسنداسين ته "ڇري گدري تي ڪري يا گدرو ڇريءَ تي ڪري" ڳالهه ساڳي آهي، نقصان ساڳيو آهي. ان ڪري شاگرد تنظيمن کي خاص ڪري انتهائي ذميوارانه پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي. چوڻ وارا ته اهو به چوندا آهن يا تاثر ورتو ويندو آهي ته هڪ سازش تحت تعليمي ماحول خراب ڪيو وڃي ٿو. اها سازش يقينن تعليم دشمن ۽ سنڌ دشمن آهي تنهن ڪري ئي پاڻ سمجهون ٿا ته تعليمي ادارن ۾ اهڙين سازشن کي ناڪام بڻائڻ جي پهرين قومي ذميواري يونيورسٽي جي شاگرد تنظيمن جي ئي آهي. اسان جي شاگرد تنظيمن کي جڏهن تاريخي طور معلوم آهي ته سنڌ دشمن طاقتن کان سنڌي قوم جي تعليم ۽ ان تعليم سان سلهاڙيل ترقي ۽ خوشحالي هضم ناهي ٿيندي ته ان روشني ۾ احساس ذميواري وڌيڪ محسوس ڪرڻ گهرجي.

هونئن ته يونيورسٽين اندر ڪنهن به قسم جي جهيڙي ۽ فائرنگ جي روڪٿام جي جي اصولي ذميواري يونيورسٽي انتظاميا جي ئي هوندي آهي پر سنڌ جي جيڪا سياسي تاريخ رهي آهي تنهن اهو واضح ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌ جو امن، تعليم ۽ ترقي سنڌ دشمنن جي اکين ۾ ڪنڊو رهيو آهي تنهن ڪري اهي سنڌ دشمن طاقتون هر لحاظ کان تعليم کي هاڃو رسائڻ چاهينديون آهن ۽ ان ڪوشش ۾ شاگرد تنظيمن ۾ سازشي ماڻهو داخل آهي ڪرائي جهيڙن، فسادن ۽ بدامني جو ماحول برپا ڪيو ويندو تنهن ڪري شاگرد تنظيمن کي سنڌ جي مجموعي مفاد ۾ اهڙين سازشن کي ناڪام بڻائڻ جي حڪمت عملي تيار ڪرڻي پوندي.

ان سلسلي ۾ اسان به شاگرد تنظيمن کي ڪجهه صلاحون ڏئي سگهون ٿا مثال طور شاگرد تنظيمن کي پاڻ ۾ هر مهيني هڪ گڏجاڻي ڪرڻ گهرجي ۽ ڪن بنيادي نُڪتن تي معاهدو ڪرڻ گهرجي. انهن بنيادي نڪتن ۾ هر قيمت تي تعليم کي اوليت ڏيڻ، اها متاثر ٿيڻ نه ڏيڻ، جهيڙن ۽ جهڳڙن لاءِ يونيورسٽين کي نوگو ايريا بڻائڻ، هٿيارن کان يونيورسٽين ۽ هاسٽلن کي پاڪ رکڻ ۽ شاگرد تنظيمن ۾ غنڊا گردي کي بلڪل به برداشت نه ڪرڻ هجي.

اسان سمجهون ٿا ته جيڪڏهن شاگرد تنظيمن پاڻ ۾ اهڙو اتحاد قائم ڪيو، معاهدو ڪيو ته اهو عمل به سنڌ جي تعليم دشمن طاقتن کان هضم نه ٿيندو ۽ انهيءَ ڀائيچاري کي ختم ڪرڻ لاءِ به سازشون ڪيون وينديون ۽ شاگردن کي پاڻ ۾ ويڙهايو ويندو. اها يقينن سنڌ جي تعليم ۽ نئين نسل جي بدنصيبي آهي ته تاريخي طور هتي سنڌ جو نالو وٺڻ ڪاري هر نانگ تي پير رکڻ هجي ٿو پر انهيءَ پس منظر ۾ سياسي شعور کي اڳتي اچڻو پوندو. جيئن چوندا آهن ته هر آمريت جو خاتمو جمهوريت ۾ هوندو آهي تيئن شاگرد دشمن سازشن جي روڪٿام به شاگرد تنظيمن جي پنهنجي اندروني اتحاد ۾ آهي. اصولي طور تي شاگردن جو ڪم صرف ۽ صرف پڙهڻ ۽ شاگردن جا جائز حق ماڻڻ جي جدوجهد ڪرڻ هوندي آهي پر ان المئي تي ڇا چئجي ته سنڌي شاگردن کي تعليمي ادارن اندر به سنڌ خلاف سازشن کي سڌي ۽ اڻ سڌي طريقي سان منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ ان نتيجي ۾ ئي ڪين ڀوڳڻو به پوي ٿو پر ڇا ڪجي حالتن جي به اها ئي تقاضا آهي ته يونيورسٽين جي شاگردن کي نه رڳو تعليم حاصل ڪري ڊگريون ماڻڻيون آهن پر تعليم جو سازگار ۽ پرامن ماحول مهيا ڪرڻ به سندن ذميواري بڻجي وئي آهي يا اهڙي ذميواري سنڀالڻ جي ڪين صلاح ڏجي ٿي.

جيستائين ٽيون ڏينهن واري جهيڙي جو معاملو آهي ته يونيورسٽي انتظاميا جو به اهو ڪم آهي ته ٻنهي جهيڙو ڪندڙ تنظيمن کي ويهاري سندن مسئلو معلوم ڪري ۽ ان جو نبيرو ڪري. يونيورسٽي انتظاميا کي به هڪ اهڙي ڪاميٽي ناهڻ گهرجي جيڪا هر هفتي يونيورسٽي جي ڪنهن هڪ تنظيم سان واري واري سان گڏجاڻي ڪري ته جيئن سندن مسئلا آساني سان ٻڌي ۽ حل ڪري سگهجن. يونيورسٽي انتظاميا جي ان ڪميٽي جو پهريون وڏو مقصد يونيورسٽي اندر امن قائم ڪرڻ ۽ صحتمند تعليمي ماحول مُهيا ڪرڻ هجي باقي جهيڙي کان پوءِ حڪومتن جهڙا بيان ڏيڻ جو ڪو فائدو ناهي ته امتحانن دوران پرامن ماحول ۾ خلل وجهڻ جي اجازت ڪنهن کي به نه ڏني ويندي، هٿيار ڪلچر کي برداشت نه ڪيو ويندو جيڪي واقعي ۾ ملوث هوندا انهن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي. اسان جو خيال آهي ته اهو سڀ يونيورسٽي انتظاميا کي اڳ ۾ ڪرڻ گهرجي جيئن يونيورسٽين اندر خراب ماحول پيدا نه ٿئي. شاگرد تنظيمن کي اولاد وانگر ڏسڻ گهرجي، انهن خلاف سخت ڪارروائين جا اعلان نه ڪرڻ گهرجن پر انهن سان مسلسل ڳالهيون ڪرڻ گهرجن ۽ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو ته جيئن اهڙين سخت ڪارروائين جي نوبت ئي نه اچي. باقي انتظامي طور سختين جا به اسان ماضي ۾ نتيجا ڏسي چڪا آهيون جنهن ڪري يونيورسٽين جو تعليمي ماحول وڌيڪ خراب ٿي رهيو.

سو سختين ۽ ڪارروائين کان علاوه ڳالهين وغيره جا جيڪي آپشن آهن تن تي غور ڪيو وڃي. ٻيو ته جيئن اسان شاگرد تنظيمن کي سنڌ ۽ تعليم دشمن سازشن کان خبردار ڪيو آهي تيئن يونيورسٽين جي انتظاميا کي به گذارش ڪنداسين ته اهي به تعليم دشمن سازشن جو حصو ٿيڻ کان محفوظ رهڻ لاءِ ضروري آهي ته يونيورسٽي انتظاميا ۽ شاگرد تنظيمن جو هڪٻئي سان لاڳيتو رابطو رهي جيئن دشمنن کي سندن وچ ۾ سازشون ڪرڻ جو موقعو نه ملي

اسانُ اسان جي تهذيب ۽ ڪجهه زميني حقيقتون

عطيه دائود

ادب جي دنيا ۾ لڳ ڀڳ اڌ صدي جيترو عرصو گذري چڪو آهي، سو ادبي لڏي سان دوستيون، خانداني تعلق، سڃاڻپ جو تعلق ۽ ايترو ئي پراڻو آهي، وقت سان گڏو اهو ڄاڻ سڃاڻ جو دائرو پڻ وسيع ٿيندو ويو جي ٿو. جن سان گڏ اسان ادبي محفلن، ميڙاڪن ۾ گڏجي بحث ڪيا، ڪچهريون ۽ ٽهڪ ڏنا ڪيترن ئي سالن کانپوءِ وري انهن مان ڪير نظر اچي ته خوشي جي ڪيفيت ڇانئجي ويندي آهي. اها خوشي اکين مان پڻ ڇلڪندي آهي ۽ جن سان ڪيترن ڏهاڪن کان ملاقات نه ٿيندي آهي ته ڪيترا پيرا دل سِڪ ڪائيندي آهي ته جيڪر انهن جي خيريت جي خبر پئي يا ملاقات ٿئي. اهڙن ئي ڪجهه ملاقاتن ۾ ڄاتل سڃاتل اديب جيڪي هم عصر ۽ هم عمر هئا اهي به اڳيان وڌندي اماڪ مٿي تي شفقت سان هٿ رکندا آهن، ۽ ان اچانڪ عمل کي منهنجو ذهن قبول نه ڪري سگهندو آهي. مان بي ساخته ته قدم پويان هٽي ويندي آهيان. پر جڏهن ابراهيم جويو، ڪامريڊ سوڀو ۽ ڪامريڊ روچي رام ۽ اهڙا ٻيا ته ڪجهه نالا آهن مٿي تي هٿ رکيو ته مون کي سنئو لڳو ۽ مون پاڻ انهن جي اڳيان احترام منجهان ڪنڌ جهڪايو هو. پر پاڻ کان ننڍن، هم عصرن جو مٿي تي هٿ رکڻ مون کي برو لڳو. مون ويجهن دوستن کان پڇيو ته هي ائين ڇو ٿا ڪن انهن جواب ڏنو "اها اسان جي تهذيب آهي ته عورت جي عزت ڪجي، هو عزت منجهان مٿي تي هٿ رکن ٿا." عزت جي ان طريقي کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ بدران ان جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ان تي سوچڻ ته کپي ته ائين ڇو آهي. اها ڪنهن جي ڪتان جي روايت يا تهذيب آهي جن تي اسان عمل ڪيون ٿا.

تهذيب پٿر جو جبل ناهي، جو جيئن جو تيئن هڪ ئي هنڌ تيستائين موجود هجي جيستائين قدرتي آفت ان کي هلائي ڇڏي. تهذيب دريائن جي ڪنارن تي جنم ورتو سولڳ ٻڳ سنڌس فطرت وهندڙ پاڻي سان ملندڙ جلندڙ آهي. ٻولي ۽ تهذيب تاريخ ۽ جاگرافيائي اثرن کان متاثر ٿيندي رهي ٿي ۽ ان ڪري انهن ۾ وقت سر تبديليون پڻ اچن ٿيون. سنڌ جي تهذيب موجوده دور تائين اينديءَ اينديءَ موهن جي دڙي جي دراوڙ نسل جي نج تهذيب نه رهي، ان ۾ آريا، مختلف تاريخي دور، محمد بن قاسم سان گڏ اسلامي دور جي تهذيب، ارغون، ترخان، مغل، سومرا، سما هر دور ۾ تهذيب پڻ سفر ڪندي رهي. انسانن مهذب معاشري جي تخليق لاءِ اصول ۽ روايتون جوڙيون ڪجهه روايتون پڻ تهذيب جو ازخود حصو بڻجي ويون ٿيون، روايتون مثبت به ٿين ٿيون ته منفي به. اسان هميشه پاڻ کي موهن جي دڙي جي تهذيب جا وارث چئون ٿا پر اسان جي ذهن تي ٻين سپني تهذيبن جو اثر پڻ آهي جن کي اسان بنا ڪنهن ڇنڊڇاڻ جي سنڌ جي تهذيب چئون ٿا. ڪنهن سان ملاقات جي وقت پهريون عمل هر ڪنهن جي تهذيب جو حصو آهي، اهو فقط مذهب جوئي نه پر قومن جي تهذيب جو به حصو آهي.

قديم تهذيب جنهن جو اسان جي ڌرتي سان تعلق آهي، انهن جي آدرڀاءَ جو طريقو هو ته هو ٻئي فرد هڪ ٻئي اڳيان ڪنڌ نمائي عاجزي مان هٿ جوڙيندا هئا. پر جي اڳلو فرد گرو، استاد، بزرگ آهي ته ٻيو فرد جهڪي ان جا پير ڇهندو ۽ گرو يا بزرگ ان کي آشيرواد ڏيندي ان جي مٿي تي شفقت منجهان هٿ رکندو.

اڄا تائين ڪجهه اسان وٽ سنڌي مسلمانن گهراڻن ۾ بزرگن سان پيرين پئي ملندا آهن، عيد جي موقعي تي پڻ ڪندا آهي، پر ڇوڪرين تي اهو لازم نه هوندو آهي ان ڪري هو جڏهن وڏن جي سامهون خاص طور مرد مائٽ پيءُ، نانو، ڏاڏو وغيره ته اهي مٿي تي هٿ رکندا آهي. ڪجهه گهراڻن ۾ ڇوڪريون پڻ بزرگ مردن کي پيري پئي ملنديون آهن. مان هڪ پيري پنهنجي دوست ڊاڪٽر جهان آرا ٽالپر سان گڏ هئس ان کي رستي تي پنهنجي رشتي جي چاچي مير رسول بخش ٽالپر سان ملڻو هو مون ڏٺو ته هوءَ ان سان پيرين پئي ملي. ڪلاسيڪل رقص ۽ ميوزڪ جي گرو جا شاگرد پير ڇهي ملندا آهي. اڳي پيرن تي باقاعدي هٿ رکيو ويندو هو پر هاڻي گوڏن تائين جهڪڻ به ڪافي سمجهو وڃي ٿو.

سنڌي هندو ۽ سنڌي مسلمان صدين تائين گڏ رهيا، سنڌي مسلمان آدرڀاءَ طور تي هلڪو ڪنڌ جهڪائيندي هڪ يا ٻئي هٿ سيني تي رکندا آهن. هونئن ته مرد مردن سان ۽ عورتون عورتن سان ڀاڪر پائي ملن يا هٿ ملائين پر عورتن ۽ مردن جي آدرڀاءَ جو اهو طريقو ۽ خاص لفظ چيا وڃن ٿا. مهمان جي گهر ۾ داخل ٿيندي ئي ميزبان ان کي ڪيڪاريندي چوندو چوندي 'ڀلي ڪري آيا' مهمان جو جواب 'خير هجئي' اهي جملا هوبهو فارسي ۾ آهن 'خوش آمديد' جواب 'مرسي' مطلب مهرباني. سلام عربي زبان ۾ آهي جنهن جو مطلب ۽ مفهوم پڻ ساڳيو آهي. سلامتي جي دعا وراڻي طور توهان به سلامت رهو.

اسان سان گڏ رهندڙ هندو هٿ جوڙي يا هاٿي بنا هٿ جوڙڻ جي به 'نمستي' چون ٿا. مسلمان اردو ڳالهائيندڙ هجرت کان اڳ يا پوءِ انڊيا يا پاڪستان ۾ سلام ڪندا پر جي ڪنهن بزرگ يا اهم قابل احترام شخص کي ٿورو ڪنڌ نمائيندي پيشاني تي هٿ رکندي 'آداب' چوندا جواب ۾ اهو شفقت سان مٿي تي هٿ رکي يا بنا هٿ رکڻ جي به جواب ڏيندي يا ڏيندو 'جيتي رهو' انگريزي ۾ 'هيلو' لفظ چو ۽ ڪڏهن ڪهڙي مقصد لاءِ ايجاد ٿيو پر ان جو مطلب 'خوش آمديد' ئي سمجهو وڃي ٿو نوجوانن ۾ ڪيڪار آگرين جي هلڪي جنبش سان 'هاءِ' آدرڀاءَ لاءِ ڪافي سمجهي وڃي ٿي. جپان، چين ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ پڻ ڪيڪاريندي ڪنڌ جهڪايو ويندو آهي. ٻئي مخاطب هڪ ٻئي اڳيان ڪنڌ جهڪائين ٿا.

ڀليڪار چوندي مٿي تي شفقت سان هٿ رکڻ فقط سنڌين جو نه پر تمام گهٽين تهذيب، قومن جي روايت آهي، ان روايت کي غلط نه ٿو چئي سگهجي. جيڪڏهن ڪا پنجاهه سالن کان به وڏي عمر جي عورت يا مرد ڪلاسيڪل رقص يا موسيقي جي باقائده تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ان فن جي ماهر کان سکيا وٺن ٿا اهو ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري پوءِ ان گرو جي عمر ڪٿي سندن اڌ عمر جيتري ۽ چونه هجي اهو عمر ۾ سندن ٻارن جيترو هجي ته به هو گرو جا پير ڇهندا آهن ۽ گرو آشيرواد به ڏيندو آهي، اهي روايتون گهڻي جاين تي اڄ به قائم آهي ته ڪيترن جاين تي ختم پڻ ٿي چڪيون آهن. گرو ۽ شاگرد هڪ ٻئي کي آگرين جي جنبش سان 'هاءِ' يا 'هئي' چوندا آهن.

سو جڏهن پنهنجي هم عصر هم عمر عورتن جي مٿي تي مرد هٿ رکن ٿا ۽ ان کي سنڌ جي اها تهذيب قرار ڏين ٿا جيڪي 'عورت جي عزت' کي لازم سمجهي ٿي ته 'مٿي تي هٿ رکڻ' جي سببن ۽ روايتن کي سمجهڻ به ته گهرجي. عورت آهي سوان ڪري عزت لائق آهي جي اها سوچ آهي ته پوءِ تهذيب جي تاريخ ته اهو ٿي ٻڌائي ته جنهن کي عزت ڏبي آهي پاڻ ان جا پير ڇهبا آهن ان اڳيان ڪنڌ جهڪائبو آهي. جيڪا عزت جو اهڃاڻ آهي اها شفقت سان توهان جي مٿي تي هٿ رکندي. يا توهان لاءِ نيڪ نيتي ۽ دعا جا لفظ چوندي.

عورت سان شفقت سان پيش اچڻ جو تصور فاتح قومن پاران پيش ڪيو ويو ڪنهن ملڪ تي حملو ڪرڻ ان جو جواز ڪهڙو به هجي ڪڏهن مذهب خاطر، ڪڏهن پنهنجي ملڪ ۽ سلطنت جي مفاد ۾ پنهنجي سرحدن کي وسيع بنائڻ خاطر يا ملڪ کي ٻين جي قبضي کان بچائڻ لاءِ جنگيون وڙهيون وينديون هيون. فاتح لشڪر فتح جي مال کي قبضي ۾ آڻيندو هو جنهن ۾ مال خزاني کان سواءِ عورتون پڻ مال غنيمت هونديون هيون. جن کي ٻانهي بڻايو ويندو هو سو انهن جنگين جي فاتحن کي مذهبن ۽ اخلاقي درس ڏيندڙن اها سمجهاڻي ڏني ته 'جنگ ۾ عورتن ۽ ٻارن سان نرمي جو سلوڪ رکو جنگ کٽڻ جي صورت ۾ پڻ عورتن سان بدترين سلوڪ نه ڪيو سندن مٿي تي شفقت جو ٻاجهه جو هٿ رکو' اهوان ڪري به درس ڏنو ويو جو عورتن سان غيرانساني سلوڪ ٿيندو هو انهي ڪري عورتن سان رحم ۽ شفقت جو رويو رکڻ تي اتساهيو ويو. اها سوچ ۽ اهو رويو ان زماني جي حالتن مطابق مثبت رويو هو پر تاريخ به زماني سان ترقي ڪئي. عورتون پڻ حڪمران ٿيون، جن جي اڳيان هزارين ماڻهون ڪنڌ جهڪائي بيهندا هئا، انهيءَ ڪري نه ته هو عورتون آهن پر ان ڪري ته اهي بااختيار آهن.

جڏهن ڪجهه اهڙن موقعن تي مون پنهنجي مٿي تي هٿ رکندڙ انهن هم عصر اديبن کي ايئن ڪرڻ کان روڪيو ته اتي موجود ڪجهه عورتن مون سان اختلاف ڪيو ۽ چيو ته هڪ ته اهڙي معمولي ۽ بي ضرر ڳالهه سبب هو ادبي دنيا جي معتبر مردن سان دشمني نه ٿيون رکي سگهن ۽ اهو به چيو ته اها اسان جي تهذيب آهي. مسئلو ته اهو آهي ته اسان پنهنجي تهذيب جو لاڳاپو جوڙيون ته موهن جي دڙي سان ٿا پر رهڻ ان تهذيب جي دائري ۾ ٿا چاهيون جيڪا جنگين جي نتيجي ۾ فاتحن، قورو طبقن اسان تي لاڳو ڪئي.

عورت جي عزت جو اهو معيار ته عورت ست قرآن، عورت جي قدمن هيٺان جنت، اسان اهڙي عظيم قوم. جي نياڻي کي ساڻ وني دشمن ڏانهن وڃجي ته اهو هڪ ته ڇا ست خون معاف ڪري ڇڏيندو. اهي سڀ مثال ڏوڪو آهن نياڻي جي ڪري خون معاف ٿيندا آهن پر ان ڪري ته ان کي خون بها ۾ ڏئي ايندا آهن.

سو مٿي تي هٿ رکڻ جي روايت ۾ عورت جي عزت جي نظريي کان وڌيڪ مرد جي احساس برتري شامل آهي. جنهن تي اسان ڳالهائڻ ته ڇا پر سوچڻ به نه ٿا چاهيون

سنڌ خلاف ٿيندڙ تاريخي سازشن جو تسلسل جاري ۽ انهن جو حل

فقير صابر حسين راڄڻ

سنڌ جي وجود کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هر دور جا حڪمران سنڌ خلاف سازشون ڪندي نظر اچن ٿا ائين چئجي ته سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن جي هڪ وڏي ڏکي اڻ کٽ تاريخي سلسلو آهي جنهن جي ڪري جڏهن پاڪستان جي ٺهڻ جي تحريڪ شروع ٿي ته ان وقت جي سنڌ جي قيادت خوش فهمي جو شڪار ٿيڻ جي ڪري سوچيو ته مسلم رياست ٺهڻ سان سنڌ آزاد ۽ خود مختيار هڪ رياست بڻجي ويندي جنهن جو سونهري خواب به ان وقت جي سياسي ليڊرن کي پڻ ڏيکاريو ويو پر انهن اهو نه سوچيو ئي ڪو نه ته خواب صرف خواب ئي هوندا آهن ۽ خوابن جي تعبير حقيقت تي مبني نه آهي هوندي ليڪن ان منافقي واري سياست ۽ کوکلن واعدن کي مرحوم شهيد الله بخش سومري سمجهي ورتو هو جنهن پاڪستان جي ٺهڻ جي مخالفت ڪندي سنڌ کي آزاد رياست بنائڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي جنهن کي سائين جي ايم سيد سميت ان وقت جي سنڌ جي ليڊرن غلط قرار ڏنو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف سازشن جو جار ٻيهر وڇايو ويو اصل ۾ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته پاڪستان جو ٺهڻ ئي سنڌ جي وجود کي ختم ڪرڻ ۽ سنڌي ٻولي سميت سنڌين خلاف هڪ اهم سازش هئي جنهن کي سمجهڻ ڪيندو هيو ليڪن باني پاڪستان بڻجڻ واري شهرت جي لالچ ان وقت جي سياسي قيادت جا حواس خطا ڪري ڇڏيا هئا ۽ ان وقت جي سياستدانن پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پڇتايو به هيو ۽ انهن ڪيل غلطين جو اعتراف پڻ ڪيو

حقيقت ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ننڍا صوبا خاص ڪري سنڌي احساس ڪمتري جو شڪار ٿيڻ جي ڪري مايوس ٿي وڃڻ ڪري پنهنجو وقار به ڄڻ وڃائي ويٺا جنهن جي ڪري سنڌين جي حيثيت هڪ غلام کان به بدتر ٿي وڃڻ ڪري سنڌي اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پيا ته هن غير فطري رياست ۾ اسان آهيون به يان نه چو ته هن ملڪ ۾ سنڌين جي حيثيت 1935 واري انڊيا ايڪٽ واري به نه آهي رهي سنڌين کي ته 1935 واري انڊيا ايڪٽ ۾ جيڪا حيثيت حاصل هئي ورهاڱي کانپوءِ اها به سنڌي وڃائڻ جي ڪري پاڪستان جي ٺهڻ شرط ئي ڪراچي مان سنڌي ملازمن کي نيڪالي ڏني وئي ڇاڪاڻ ته ان وقت جي سنڌين کي اردو ٻولي ڳالهائڻ ڪا نه ايندي هئي حقيقت ۾ ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته آيل ڌارين کي سنڌي سکڻ جو پابند بنايو وڃي هان نه کي سنڌ خلاف تعصب جو اظهار ڪيو وڃي هان ٻي اها به سازش ڪئي وئي ته انڊيا کان آيل ڌارين جي لوڏ کي هڪ سوچيل سمجهيل پلاننگ تحت سنڌ جي وڏن شهرن ۾ گڏ ڪري رهايو ويو ۽ انهن کي اڪثريت ڏيڻ سان گڏ سنڌ ۾ هر صوبي جي ماڻهون کي آباد ڪري انهن کي قوميت جي بنياد تي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۽ نفرتن کي وڌائڻ خاص ڪري انهن ڌارين تمام قومن کي سنڌين خلاف استعمال ڪرڻ به هڪ اهم سازش آهي ۽ شهرن ۾ ڌارين کي اڪثريت ڏياري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪامياب حڪمت عملي ڪئي وئي جنهن جي ڪري حقيقي سنڌي جي لڏي وڃڻ ڪانپوءِ انهن جي ملڪيتن تي ڌارين کي حقدار قرار ڏنو ويو پر ڪراچي مان عام سنڌي کي به پڻ لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو ته جيئن هو پنهنجي اباڻي ڳوٺ وڃي ۽ انهن جون ملڪيون به ڌارين کي ڏيڻيون وڃن سنڌ ۾ ذاتين جا جهيڙا ڪرائڻ به سنڌ خلاف هڪ سازش آهي جنهن جي ڪري سنڌ ۾ ڌاڙيل فيڪٽر پيدا ٿيو جنهن کي گورنمينٽ جي امن امان نافذ ڪندڙ تمام ادارن هٿي وٺرائي ۽ سنڌ جي ثقافت بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته سنڌ ۾ عدالتن جي نظام کي مفلوج بنائڻ ۽ عام غريب بي پهچ سنڌي کي انصاف کان محروم رکڻ کان وٺي سنڌ پوليس کي طوائف جي ڪردار کان به گهٽ بنائڻ به سنڌ خلاف اهم سازش جو حصو آهي سنڌ ۾ تعليم جي نظام کي تباهه ڪرڻ ۽ تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي خاص ڪري نياڻين کي جنسي حراسان ڪرڻ کان وٺي تعليمي ادارن کي منشيات ۽ جوا جا اڏا بنائڻ به سنڌ سان ويساهه گهاتي ڪندي سازشن جو سلسلو پڻ آهي مقابلي جي امتحان ۾ ٻين صوبن جي شاگردن کي سنڌ جي ڪوٽا تي نوڪريون ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ جعلي ڊوميسائيل ۽ شناختي ڪارڊن جو ٺهڻ جهڙيون عام سازشون آهن جنهن کي هر سنڌي آساني سان سمجهي سگهي ٿو پر سپريم ڪورٽ ۽ سينيٽ ۾ سنڌ جي ڪوٽا تي غير سنڌي جا پر ٻين صوبن وارن کي سيٽن جي ملڻ کان وٺي سنڌ جون زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي ڌارين کي وڪڻي ڏيڻ سنڌ جا ساموندي ٻيٽ ۽ ساموندي پٽي ڌارين کي وڪڻي ڏيڻ ۽ سنڌ جو پاڻي پنجاب کي ڏيڻ ۽ ناجائز ڪينال ٺاهڻ جهڙيون سازشون سنڌ سان غداري جو هڪ اهم ثبوت آهن انهن سازشن ۾ پيپلز پارٽي جو اقتدار جي حوس خاطر ته دلالي وارو اهم بنيادي طور ڪردار رهيو آهي پر سنڌ جي سياسي اقتداري پوتارن جو به ڪنهن نه ڪنهن نموني سنڌ سان غداري وارو ڪردار رهيو آهي ۽ هاڻ آئين ۾ 28 ترميم ڪرڻ لاءِ وفاقي اسٽيبلشمينٽ پيپلز پارٽي کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جنهن جي ڪري اقتدار جا بکايل سياسي وڏيرا وري اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ سرگرم ڪيا ويا آهن ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ اقتدار جي چوسيل هڏي کي چوسڻ خاطر اسٽيبلشمينٽ جي پيرن ۾ سنڌ جا وڏيرا ويهي پنهنجي ضمير ۽ غيرت نفس کي وڪڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن خاص ڪري سنڌ جو مرشد گادي نشين ملو وڏيرو سردار پير مير به پنهنجو ڪامجڻ لاءِ ڪردار چڱي طرح ادا ڪري پنهنجي آقائن جي شفقت حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جي کوکلن واعدن تي اعتماد ڪندي سنڌ ڌرتي سان ٿيندڙ غداري واري هر سازش ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني ملوث رهيا اچن ٿا هن وقت آئين ۾ مختلف ترميمن جا حوالا ميڊيا ۾ اچي رهيا آهن جڏهن ته آئين جي پاڪستان ۾ ڪا به حيثيت نه آهي ۽ هي 73 جو آئين جنهن تي پيپلز پارٽي فخر ڪندي رهندي آهي ته پارليامينٽ مان متفقه طور تي هن جي باني ذوالفقار علي ڀٽي پاس ڪرايو هيو ان آئين جي جيڪا تذليل هن ملڪ ۾ ٿي رهي آهي اها شايد ڏسي ذوالفقار علي ڀٽي جو روح شرمنده ضرور ٿيندو هوندو ۽ ملڪ ۾ آئين جي حالت کي ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته هن ملڪ جو آئين خود به مظلوم آهي ته پيپلز پارٽي وارا جڏهن ڀٽي خاندان سان ئي وفا نه ڪري سگهيا آهن ته پوءِ آئين سان وفا ڪئين ٿا ڪري سگهن چو ته پيپلز پارٽي جي فطرت ۾ وفا نه بلڪ غداري سمايل آهي

بحرحال آئين ۾ 28 ترميم ۽ هن کان پوءِ 29 ترميم جا چوٻول هلي رهيا آهن جنهن ۾ سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ صوبن جو اين ايف سي ايوارڊ مان حصو گهٽائڻ ۽ جالي فيلڊ مارشل جو صدر مملڪت بڻجڻ ڪنهن به چيف آف آرمي جو سروس دوران صدر مملڪت بڻجڻ جڏهن ته رٽائرمينٽ ڪانپوءِ آئين ۾ سياسي عهدي جي پڻ اجازت آهي اهي اهم نقطا آهن جيڪي اصل ۾ سنڌ خلاف سازشن جو تسلسل آهي ۽ اهي سازشون آئيني هجن يان غير آئيني هونئن به سنڌ خلاف وفاق جي نالي جي پنجاب ۽ ان جي اسٽيبلشمينٽ جيڪا به سازش ڪندي آهي اها آئيني ٿئي چورائيندي آهي ۽ سنڌ پنهنجي آئيني حدن ۾ رهندي اگر وفاق کان پنهنجا حق گهري ته پوءِ سنڌ ملڪ دشمن ۽ غير آئيني ڏوهن ۾ ملوث بڻجي ويندي آهي تنهن ڪري سنڌ ۾ هن وقت رهندڙ سمورن قومن کي سنڌي ٿي سوچڻو پوندو ته سنڌ جي وجود کي ته خطرو ضرور آهي جنهن جي ڪري گهڻو نقصان سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جو ٿيندو چو ته سنڌين جي وجود جو سوال آهي ۽ اردو ڳالهائيندڙ پوءِ ڪيڏانهن ويندا جنهن کي اڳ به بلوچ پختون ۽ پنجاب پناهه ڪا نه ڏني هئي ته هاڻي هنن سان ڇا ڪندا ۽ اهي واپس انڊيا به وڃي ڪو نه سگهندا ان ڪري سنڌ ۾ رهندڙ تمام قومن کي متحد ٿي ڪري سوچڻ گهرجي ۽ سنڌ جي بقا جي جنگ متحد ٿي ڪري وڙهڻ گهرجي ۽ سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن جو مقابلو ڪندي انهن کي روڪڻ گهرجي

بقايا 01

جي اتحاد سبب آخرڪار ناڪام ٿيندين. اڳاري ڏينهن آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، نشان امتياز (ملٽري) ڪوئٽه گيريزن جو دورو ڪيو دوري دوران فيلڊ مارشل، ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪاليج ڪوئٽه ۾ تربيت حاصل ڪندڙ آفيسرن ۽ فيڪلٽي ميمبرن کي خطاب ڪيو پنهنجي خطاب ۾ هن ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪاليج ڪوئٽا جي اعليٰ تربيتي معيار، فڪري صلاحيت ۽ پيشيوارانه مهارت جي تعريف ڪئي، جيڪا ان اداري جي نمايان سڃاڻپ آهي. هن اطمينان جو اظهار ڪيو ته ڪاليج مان تعليم حاصل ڪندڙ آفيسر پنهنجي غير معمولي ڪارڪردگي ۽ پيشيوارانه لگن ذريعي مسلسل نمايان خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن. چيف آف آرمي اسٽاف جديد جنگ جي تيزي سان بدلجندڙ انداز تي روشني وجهندي ايمرجنگ ٽيڪنالاجين ملٽي ڊومين آپريشنز ٽنهي فوجن جي گڏيل شراڪتداري ۽ مستقبل جي جنگ جي ميدان جي چيلنجز کان باخبر رهڻ جي اهميت تي زور ڀريو هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پاڻ کي ۽ پنهنجي فوج کي مسلسل تربيت ڏين ته جيئن جنگ جي بدلجندڙ نوعيت جو اثرائتي انداز ۾ مقابلو ڪري سگهجي. جڏهن ته پيشيوارانه مهارت، تياري ۽ آپريشنل برتري جي اعليٰ ترين معيار برقرار رکيا وڃن. بعد ۾ فيلڊ مارشل بلوچستان ۾ مقرر فارميشنز جي آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪئي. موجوده سيڪيورٽي صورتحال جي مختلف رخن تي روشني وجهندي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج عوام جي ڀرپور حمايت سان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي. فيلڊ مارشل زور ڀريو ته پاڪستان جي تقدير ۾ شامل ترقي کي پروپيگنڊا، ڪوڙين خبرن يا پرڏيهي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي ذريعي روڪي نٿو سگهجي. هن چيو ته پاڪستان جي ترقي کي پراڪسيز ۽ ناڪاري پروپيگنڊا ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ دشمن قوتون رياست جي مضبوطي ۽ عوام جي اتحاد سبب آخرڪار ناڪام ٿيندين. بلوچستان ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي اهميت کي اجاگر ڪندي فيلڊ مارشل چيو ته ترقي لاءِ عوام دوست پاليسي، جامع ترقي ۽ بهترين طرز حڪمراني اثر انهي جيڪا سيڪيورٽي فورسز قدمن سان گڏوگڏ ٿيڻ گهرجي. هن بلوچستان حڪومت جي انهن ڪوششن جي تعريف ڪئي جيڪي عوامي ڀلائي، سماجي ۽ معاشي ترقي ۽ رياست ۽ عوام جي وچ ۾ تعلق کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪيون پيون وڃن. فيلڊ مارشل بلوچستان ۾ امن، استحڪام ۽ رياست جي رٽ برقرار رکڻ لاءِ آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي، آپريشنل تياري ۽ پيشيوارانه عزم جي به تعريف ڪئي. ان کان اڳ ڪوئٽا پهچڻ تي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جي آجيان ڪور ڪمانڊر ڪوئٽه ڪئي.

بقايا 02

ڪيترن ئي پرائيويٽ قراردادون منظور ڪيون ويون، جڏهن ته صوبائي وزيرن يقين ڏهاني تي مخالف ڌر جي ميمبرن پنهنجي ڪجهه قراردادون واپس وٺي ڇڏيون. سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر اويس قادر شاهه جي صدارت ۾ شروع ٿيو ايوان جي ڪارروائي دوران پيپلز پارٽي جي ميمبر سڄاد سومرو چيو ته ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا هن سان رابطو ڪري تحريڪ واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. هن چيو ته لياري ۾ 20 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ آهي اتي بجلي ڪمپني جو رويو تمام خراب آهي. ڪي اليڪٽرڪ معاهدي تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي. ڪي اليڪٽرڪ هڪ سال ۾ 4 ارب رپين کان وڌيڪ ڪمايو پر صارفين لاءِ ڪا به سهولت ناهي. سينئر وزير شرجيل ميمڻ چيو ته هي مسئلو ڪميٽي ۾ پيش ڪيو وڃي. اسپيڪر چيو ته هن مسئلي تي جمعي تي بحث ڪيو ويندو ۽ ان ڏينهن ان مسئلي تي به ڳالهه بحث ٿيندي. ٻي اي آر ميمبر شبير قريشي ايوان ۾ هڪ پرائيويٽ قرارداد پيش ڪئي جنهن ۾ سرڪاري نوڪرين ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 سالن جي رعايت جو مطالبو ڪيو ويو. قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو ته هي هڪ تمام سٺو قرارداد آهي، تنهن هوندي به، ان حوالي سان سپريم ڪورٽ جو فيصلو آهي جنهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. بعد ۾ هن قرارداد کي رد ڪيو ويو. پيپلز پارٽي جي آصف موسيٰ پنهنجي هڪ قرارداد ۾ چيو ته بلديا ٽائون سميت سڄي ڪراچي ۾ گئس جي غير اعلانيه لوڊشيڊنگ بند ڪئي وڃي. هن چيو ته جڏهن ٻارن کي صبح جو اسڪول وڃڻو هوندو آهي ته انهن کي گئس ناهي. جيئنته پاڪستان جو آئين چوي ٿو ته جنهن صوبي مان گئس اچي ٿي ان کي حق آهي. اسپيڪر اويس قادر شاهه هدايت ڪئي ته هي قرارداد پارلياماني ڪميٽي ڏانهن موڪلي وڃي. پارلياماني معاملن واري وزير ضياءَ الحسن لنجار سوئي گئس جي عملدارن کي ڪميٽي ۾ سڏيو ويو آهي.

بقايا 03

پاڪستان جي سفير احمد فاروق هتي علائقائي سفيرن جي ڪانفرنس جي موقعي تي ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب ملاقات دوران، نائب وزيراعظم پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ مضبوط پائيدار لاڳاپن کي ساراهيندي جاري مثبت اڳڀرائي تي وڌيڪ مستحڪم بنائڻ سان گڏوگڏ واپار، سيڙپڪاري، توانائي ۽ انساني وسيلن جي ترقي سميت سڀني شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جي اهميت تي زور ڏنو نائب وزيراعظم سعودي عرب ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري سان مسلسل رابطي جي ضرورت تي پڻ زور ڏيندي انهن جي تعميري ۽ مثبت ڪردار کي ساراهيو جيڪي پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

بقايا 04

گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيل جي تازن حملن جي شديد ترين لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. پرڏيهي آفيس موجب پرڏيهي وزيرن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو ته گلوبل صمود فلوٽيلا هڪ پرامن شهري انساني قدم آهي جنهن جو مقصد عالمي سطح تي مظلوم فلسطيني عوام طرف ڌيان ڇڪائڻ آهي. پرڏيهي وزيرن عالمي پاڻين ۾ گڏيل فلوٽيلا جي خلاف اسرائيلي مداخلتن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ سويلين جهازن ۽ انساني همدرديءَ جي ڪارڪنن کي نشانو بڻائيندڙ جارحاڻي ڪارروائين جي تسلسل جي مذمت ڪئي. هن چيو ته اهڙي نوعيت جا حملا جن ۾ جهازن تي حملا ۽ ڪارڪنن جون گرفتاريون شامل آهن، عالمي قانون ۽ عالمي انساني قانون جي کليل خلاف ورزي آهن. گڏيل بيان موجب پرڏيهي وزيرن فلوٽيلا جي سويلين شرڪت ڪندڙن جي حفاظت ۽ سلامتي جي حوالي سان شديد ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ سمورن حراست هيٺ ڪارڪنن جي فوري آزادي سان گڏوگڏ انهن جي حقن ۽ وقار جو مڪمل احترام ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. پرڏيهي وزيرن چيو ته پرامن انساني قدمن جي خلاف بار بار حملا عالمي قانون ۽ جهاز راني جي آزادي جي مسلسل نظرانداز جي عڪاسي ڪن ٿا. هنن عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته اها پنهنجي قانوني ۽ اخلاقي ذميواري پوري ڪري، شهرين ۽ انساني مشنز جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ سان گڏوگڏ انهن خلاف ورزين جي خاتمي ۽ ذميوارن جي احتساب جي لاءِ ٺوس قدم کڻي.

بقايا 05

ويا آهن ۽ هڪ لک وڻ لڳائڻ جو هدف آهي. هي اربن فارسٽ منصوبو ڪراچي کي هڪ سرسبز ۽ ماحول دوست شهر بڻائڻ جي هڪ اهم قدم آهي. ڪراچي جي ميئر اهو به چيو ته اربن فاريسٽ پراجيڪٽ ڪراچي ۾ هوائي آلودگي گهٽائڻ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندي ماحولياتي بهتري لاءِ وڻ لڳائڻ جي مهم کي تيز ڪيو ويو آهي. شاهراهه ڀٽو تي نيم، گل مهر ۽ ٻيا وڻ لڳايا ويندا. جڏهن ته شاهراهه ڀٽو تي وڻ لڳائڻ جو منصوبو مرحلن ۾ مڪمل ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ آڪسيجن جي سطح کي بهتر بڻائڻ لاءِ وڏي پيماني تي وڻ لڳائڻ شروع ڪيو ويو آهي، شهر کي گرين سٽي بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن. ۽ ڪراچي جي خوبصورتي ۽ ماحول اسان جي ترجيح آهي. مرتضيٰ وهاب چيو ته اسان شاهراهه ڀٽو ڇوڙائي گرين زون ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو هو. ڪراچي ميٽروپوليٽن ميونسپلٽي جي پارڪس ڊپارٽمينٽ هتي ڪم شروع ڪيو هتي هڪ لک مقامي ٻوٽا لڳايا ويندا. اسان ڪورنگي ۾ نيم جا وڻ لڳايا. اسان شهر جي سڀني ستن ضلعن ۾ گرين زون ٺاهينداسين. شهري گرين زون ٺاهڻ ۾ اسان جي مدد ڪن ۽ مسلسل خيرات طور ٻوٽا پوکين ترقياتي ڪمن بابت ڳالهائيندي هن چيو ته ڀٽو ايڪسپريس وي، بلوچ ڪالوني ايڪسپريس وي، ڪورنگي ڪاز وي ۽ تاج حيدر پل تعمير ڪيا پيا وڃن. ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن.

بقايا 06

۾ رليف ملي سگهي. اهڙو اظهار هن ملير هالٽ کان گهگهر ڦاٽڪ تائين روڊ جي بحالي ۽ اپ گريڊيشن بابت اهم اجلاس جي صدارت دوران ڪيو اجلاس چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه ۽ صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز علي حسن زرداري جي گڏيل صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ 30.5 ڪلوميٽر ڊگهي شاهراهه جي توسيع، ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ حد بندين جي خاتمي بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته ملير هالٽ کان گهگهر ڦاٽڪ تائين شاهراهه کي جديد سهولتن سان ليس خوبصورت "گيٽ وي ڪوريڊور" بڻايو ويندي جيڪو ڪراچي جي داخلا واري رستي کي وڌيڪ محفوظ، منظم ۽ عوام دوست بڻائيندو ان موقعي تي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه هدايت ڪئي ته 30.5 ڪلوميٽر ڊگهي شاهراهه تان سمورين حد دخلين فوري طور ختم ڪيون وڃن. جڏهن ته ڪمشنر ڪراچي کي ان حوالي سان ضروري قدم کڻڻ جي به هدايت ڪئي وئي. هن ڊي آءِ جي ٽريفڪ کي پڻ هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم دوران جامع ٽريفڪ مئنيجمينٽ پلان تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ته جيئن شهرين کي آمدرفت ۾ تڪليف پيش نه اچي. علي حسن زرداري وڌيڪ چيو ته شاهراهه تي جديد بس اسٽاپس ۽ منظم يوٽرنز پڻ فراهم ڪيا ويندا ته جيئن ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته ڪمشنر ڪراچي، ڊي آءِ جي ٽريفڪ ۽ ڊپٽي ڪمشنر ملير گڏيل طور شاهراهه جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو وٺندا.

بقايا 07

۽ ايندڙ نسلن تائين منتقلي لاءِ پرعزم آهي. گنڌارا تهذيب ۽ گوتم ٻڌ جي تعليم انسانيت کي برداشت، گڏيل بقا، ڳالهين ۽ امن جو پيغام ڏئي ٿي. قديم گنڌارا تهذيب، جنهن جا آثار ٽيڪسلا، سوات، پشاور، مردان ۽ چارسده ۾ پکڙيل آهن ٻڌ تعليم، فن، تعميرات ۽ فلسفي کي هٿي وٺائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو هو گذريل ڏينهن قائداعظم يونيورسٽي جي ٽيڪسلا انسٽيٽيوٽ آف آرڪيالاجي اينڊ سولائيزيشنز ۾ منعقد پاڪستان جي ٻڌ ورثي جي ٽين عالمي ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب کي مهمان خاص طور خطاب ڪري رهيو هو وفاقي وزير چيو ته اها ڪانفرنس رڳو هڪ علمي فورم ناهي پر ٻين الثقافتي ڳالهين، علمي تعاون ۽ عالمي هم آهنگي کي هٿي وٺائڻ لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم آهي. هن قائداعظم يونيورسٽي جي هيومنسٽڪ ٻڌ ازم ريسرچ سينٽر ۽ سمورن شراڪتدارن کي گنڌارا تهذيب ۽ پاڪستان جي ٻڌ ورثي جي تحفظ، تحقيق ۽ هٿي وٺائڻ لاءِ ان اهم ميڙاڪي جي بندوبست جي تعريف ڪئي. هن چيو ته گنڌارا تهذيب ڏکڻ ايشيائي ۽ يوناني ثقافتن جو هڪ شاندار ميلاپ آهي ۽ انسانيت جي گڏيل ثقافتي ورثي جو اڻ ملهه حصو آهي. وفاقي وزير، وزيراعظم شهباز شريف ۽ وزيراعليٰ پنجاب جي قيادت ۾ حڪومت پاران ڪيل قدمن جو ذڪر ڪندي چيو ته پاڪستان تازن سالن ۾ اهم ٻڌ آثار قديمه جي ماڳن جي بحالي ۽ تحفظ، تاريخي ماڳن جي بهتر نگراني ۽ انتظام، آثار قديمه جي تحقيق ۽ عالمي علمي تعاون کي هٿي وٺائڻ، تاريخي نوادرات جي ڊجيٽل دستاويز سازي، مذهبي سياحت کي هٿي وٺائڻ ۽ گنڌارا ورثي بابت لاڳاپيل عالمي آگاهي وڌائڻ لاءِ ڪانفرنس ۽ ثقافتي نمائشن جي بندوبست جهڙا نمايان قدم کنيا. هن چيو ته پاڪستان جو ثقافتي تنوع ان جي وڏين طاقتن مان هڪ آهي ۽ ٻڌ ورثي جو تحفظ مذهبي تنوع، ثقافتي اڪثريت ۽ گڏيل انساني تاريخ جي احترام جو مظهر آهي. وفاقي وزير آثار قديمه جي ماهرن، تحفظ آثار جي ماهرن، يونيورسٽين، مقامي ڪميونٽيز ۽ ثقافتي ادارن جي خدمتن جي به تعريف ڪئي، جيڪي ان قديمي خزاني جي تحفظ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. واضح رهي ته پنج ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس 23 مئي 2026 ع تائين جاري رهندي. جنهن جو بندوبست قائداعظم يونيورسٽي جي هيومنسٽڪ ٻڌ ازم ريسرچ سينٽر قومي ۽ عالمي شراڪتدار ادارن جي تعاون سان ڪيو ويو آهي. انهن ادارن ۾ سلڪ روڊ سينٽر، يونيورسٽي ملايا ڪوالالمپور ملائيشيا، پاڪستان ٽورزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ۽ ڪي پي ڪي جو آثار قديمه ۽ عجائب گهر وارو کاتو شامل آهن. ڪانفرنس ۾ پاڪستان ۽ مختلف ملڪن سان تعلق رکندڙ اسڪالرز، مذهبي اڳواڻن، تحفظ آثار جي ماهرن، ٻڌ ملڪن جي سفيرن ۽ نوجوان نمائندن شرڪت ڪئي. جيڪي پاڪستان جي ٽين صدي قبل مسيح سان تعلق رکندڙ ٻڌ ۽ گنڌارا ورثي تي ڳالهيون ۽ مقالا پيش ڪندا. ڪانفرنس ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر "اي پي پي" عاصم کچي ۽ ايڪٽنگ وائيس چانسلر قائداعظم يونيورسٽي ڊاڪٽر ظفر نواز جسپال به شريڪ ٿيا. شرڪت ڪندڙن گنڌارا خطي جي اهم ٻڌ تاريخي ماڳن جو دورو به ڪيو. انتظام ڪندڙن 2022 ع ۽ 2024 ع ۾ منعقد اڳوڻين ڪانفرنسن لاءِ قومي ورثي ۽ ثقافت ڊويزن جي مسلسل تعاون جي تعريف ڪندي چيو ته وزارت جي حوصلا افزائي پاڪستان جي ثقافتي ۽ مذهبي ورثي کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان کان اڳ وفاقي وزير، قائداعظم يونيورسٽي ۾ نئين کليل گنڌارا سينٽر ۽ لائبريري جو به دورو ڪيو هن لائبريري ۾ ٻڌ ازم تي ڪتابن جي ذخيري جو جائزو ورتو ۽ يونيورسٽي جي انهن قدمن جي تعريف ڪئي.

بقايا 08

ڏک جو اظهار ڪندي پونيرن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. سنڌياڻي تحريڪ ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي سنڌ جي نامياري شاعره مريم مجيدي جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪندي پونيرن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي چيو ته مريم مجيدي سنڌي ٻولي جي تمام وڏي شاعره هئي، جنهن پنهنجي شاعري وسيلي سنڌ جي هر مسئلي جي عڪاسي ڪئي آهي. مريم مجيدي جي وڇوڙي ڪري سنڌي ٻولي ۽ سنڌس وڇوڙي سان سڄي سنڌ سوڳوار آهي. مريم مجيدي پنهنجي شاعري وسيلي تاريخ ۾ هميشه امر رهندي.

بقايا 09

جو هڪ شخص جبران پٽ اقبال انصاري ٻڏي ويو ٻڌايو پيو وڃي ته ٻڏي ويل شخص نظام ڪالوني جو رهواسي هو اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي لاش جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي هئي پر اڳاري جي ڏينهن منجهند تائين لاش هٿ نه اچي سگهيو هو نوجوان جي گهر ڀاتين جو چوڻ آهي ته هو ڪم تان واپس اچڻ کان پوءِ روزانو واهه ۾ وهنجڻ ويندو هو گذريل رات به هو وهنجڻ ويو ته سندس ڀيڻ کيس ٻڏندي ڏٺو ۽ ريسڪيو ٽيم کي اطلاع ڏنو.

بقايا 10

قتل ڪيس جي جوابدار عمر حيات کي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ايڊيشنل سيشن جج اسلام آباد افضل مجوڪا ثنا يوسف قتل ڪيس جو محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو عدالت چيو ته جرم ثابت ٿيڻ تي جوابدار عمر حيات کي موت جي سزا جو حڪم ڏنو وڃي ٿو انهي کان علاوه جوابدار عمر حيات کي ٻين قلمن ۾ ڏنڊ به لاڳو ڪيو ويو عدالت گڏيل طور تي جوابدار عمر حيات کي 30 سال قيد ۽ 24 لک روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي عمر حيات کي ڪيس جي ٻين 3 قلمن جي تحت 10_10 سال جي سزا ٻڌائي وئي. ڦرجي قلمن تحت 10 ۽ جوابدار کي گهر ۾ داخل ٿيڻ جي قلمن تحت به 10 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. ٻڌائي دوران عدالت ۾ جوابدار عمر حيات جي ڪال ۽ چيٽ جا اسڪرين شارٽس پيش ڪيا ويا، مدعي جي وڪيل جوابدار کي 2 پيرا موت جي سزا ڏيڻ جي استدعا ڪئي جڏهن ته جوابدار جي وڪيل چيو ته جوابدار جو عمر اعتماد جو اظهار ڪيو هو 2 ٽرائل ڪورٽ تي عمر اعتماد جو اظهار ڪيو هو. 2 درخواستون اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌائي پيئي آهن. پهرئين سوچي وٺو ته جوابدار کي موت جي سزا ڏيڻ زيادتي هوندي. عمرحيات جي وڪيل چيو ته جوابدار کي آرٽيڪل 10 اي جي تحت فيئر ٽرائل جو موقعو ڏنو وڃي ٿو، ٻيو ٽرائل ۾ مختصر ترين دليل ڏيندس، اوهان ٽرائل جج ته آهيو پر بطور ريفري دليل ٻڌي وڪيل ۽ جج ۾ رنجش پيدا ٿيندي آهي ته جوابدار جي ٽرائل تي اثر انداز نه ٿيڻ گهرجي. جوابدار عمر حيات جي وڪيل چيو ته ذاتي رنجش سبب جوابدار کي موت جي سزا ڏيڻ زيادتي هوندي. انهي ڏي ڪان فيصلو نه ڪريو ته ٻين جي اوز روڊن تي نڪري ايندين، لبرل سوسائٽي جي ڊپ کان ثنا يوسف ڪيس جو فيصلو نه ڪريو. ڪيس عورتن تي ٻڌل معاشرتي بحث جي طرف نه ڪڍي وڃي جوابدار جي وڪيل جي ريمارڪس تي جج افضل مجوڪا ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته عدالت کي گمراهه نه ڪريو ياد رهي ته گذريل ڏينهن ثنا يوسف قتل ڪيس ۾ جوابدار جي خطاب ڪيو ۽ ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽس اسلام آباد ۾ ثنا يوسف قتل ڪيس جي ٻڌائي ۾ عدالت جوابدار جو عمر حيات کي ڏوهه جو اعتراف يا ڪيو انڪشاف نه ڪيو آهي جوابدار عمر حيات وڌيڪ چيو ته منهنجو ثنا يوسف ڪير رابطو نه هو انهي تي جج پڇائو ڪيو ته ڇاڄ دوران ثنا يوسف جي فون تي ڪا ڪا جي نالي سان هڪ نمبر سامهون آيو هو موبائل فارنزڪ کان پوءِ نمبر اوهان جو نڪتو انهي تي ڇا چوندا؟ انهي تي جوابدار عمر حيات چيو ته مان پنهنجي وڪيل کان پڇي ڪري جواب نٿو ڏئي سگهان. ياد رهي ته ثنا يوسف کي 2 جون 2025 تي اسلام آباد ۾ انهي جي گهر ۾ قتل ڪيو ويو جڏهن ته ڪيس جي جوابدار عمر حيات کي 3 جون 2025 تي جڙانوالا مان گرفتار ڪيو هو.

بقايا 11

ڪاٽي جا آفيس ڊاڪٽر ۽ هيلٿ ورڪرز مڪمل ذميواري ۽ جذبي سان پنهنجا فرض سرانجام ڏين ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهن کي بيمارين ۽ انفيڪشنز کان محفوظ بڻائي سگهجي. هن واضح ڪيو ته صفائي سٿرائي ۽ حفظان صحت جي اصولن ۽ ايس او پيز تي ڪنهن به قسم جي نرمي برداشت نه ڪئي ويندي. ان ڳالهه نيو ڊپٽي ڪمشنر ڪمپليڪس حيدرآباد ۾ صحت کاتي حيدرآباد طرفان منعقد ڪيل حفظان صحت ۽ انفيڪشن ڪنٽرول بابت آگاهي سيشن کي خطاب ڪندي چئي. ان موقعي تي ڊي جي هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر وقار محمود، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ، ڊي ايڇ او حيدرآباد ڊاڪٽر پير غلام حسين، هيلٿ آفيسر، ڊاڪٽرز ۽ هيلٿ ورڪرز پڻ موجود هئا. اجلاس ۾ انفيڪشنز جي پکڙجڻ، اسپتالن ۾ صفائي سٿرائي، اسپتال ويسٽ مئنيجمينٽ، سينيٽائيزيشن، هينڊ هائيجين، سرفيس جي ڊس انفيڪشن ۽ مريضن جي محفوظ سار سنڀال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ماهرن ٻڌايو ته ارڙي جي ويڪسين هر ٻار کي لازمي طور تي ڏني وڃي ته جيئن مختلف بيمارين ۽ انفيڪشنز جي ڦهلاءُ کي گهٽائي سگهجي. جڏهن ته وقت سر حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ سان انهن بيمارين کان مؤثر بچاءُ ممڪن آهي. صحت واري وزير چيو ته صحت جي عالمي اداري جي معيارن مطابق هينڊ هائيجين ۽ سينيٽائيزيشن اختيار ڪرڻ سان انفيڪشنز جي ڦهلاءُ کي گهٽائي سگهجي ٿو هن چيو ته استعمال ٿيل سرنجن جي ٻيهر استعمال سان هيپاٽائٽس بي، سي ۽ ايڇ آءِ وي جهڙيون خطرناڪ بيماريون پکڙجي سگهن ٿيون. تنهن ڪري هر صورت ۾ نئين ۽ محفوظ سرنج جو استعمال يقيني بڻايو وڃي. ڊاڪٽر عذرا پيچوهو اعلان ڪيو ته اسپتالن ۾ حفظان صحت ۽ ايس او پيز تي عملدرآمد جي نگراني لاءِ خصوصي ڪميٽي قائم ڪئي پئي وڃي، جيڪا صبح ۽ شام اسپتالن جا دورا ڪري صفائي، ويسٽ مئنيجمينٽ، سينيٽائيزيشن، واش رومز ۽ عملي جي هائيجين جي تفصيلي جائزو وٺندي. هن چيو ته غفلت يا لاپرواهي تي ڪا به رعايت نه ڏني ويندي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته حفظان صحت بابت آگاهي مهم کي ضلعي سطح تي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي ۽ سوشل ميڊيا سميت مختلف ذريعن ذريعي عوام ۾ صفائي ۽ احتياطي تدبيرن بابت شعور اجاگر ڪيو وڃي.

بقايا 12

تان حڪومت، مذهبي معاملن واري وزارت ۽ حج مشن سان گڏ بيهڻ جو احساس ٿئي. هن زور ڀريو ته حاجي سڄي پاڪستان جي مختلف علائقن مان آيا آهن جن جون ٻوليون ۽ ڪلچر الڳ الڳ آهي، ان لاءِ ناظمين جون ذميواريون وڌي وڃن ٿيون. هو پاڪستان حج مشن مڪو پاڪ (العزيزيه) ۾ مڪتب ناظمين کي خطاب ڪري رهيو هو ڊي جي حج، پاڪستان حج مشن عبدالوهاب سومرو چيف ڪو آرڊينيٽر مرزا علي محسوس سميت پاڪستان حج مشن جون ٻيون اختياريون به موجود هيون. مڪتب ناظمين کي خطاب ڪندي مذهبي معاملن واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي هدايتن موجب حاجين جي سهولت ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي ۽ مڪي ۾ ڊي جي حج مشن سميت پورو عملو پاڻ فيلڊ مانيٽرنگ ڪري رهيو آهي. انتظامي معاملن تحت هر 188 عازمين حج لاءِ هڪ ناظم ڊيوٽي تي مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو پاڪستان مان روانگي، مڪي ۽ مديني شريف ۾ رهائش، رڪن ادا ڪرڻ ۽ واپسي تائين مسلسل حاجين سان گڏ رهندو وفاقي وزير چيو ته خادم الحرمين الشريفين ۽ سعودي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان جي هدايتن تي سعودي حج وزارت ۽ عمره پوري دنيا جي مسلمانن جي حج جي موقعي تي ميزباني لاءِ مثالي انتظام ڪيا آهن. هن ناظمين کي ياد ڏياريو ته الله سائين ڪين ان عظيم خدمت لاءِ چونڊيو آهي. البته هو 100 سيڪڙو ڪارڪردگي ڏيکاري پنهنجي ڪيريئر کي ڪامياب ۽ آخرت کي سنوارين. بهترين ڪارڪردگي تي سرٽيفڪيٽس ڏنا ويندا. خطاب جي پڄاڻي تي حاجين جي خدمت اسان جي عبادت جي سلوگن تحت پرجوش نعرا لڳايا ويا.

بقايا 13

ڪلچر ايجوڪيشن ايڪريڊيشن ڪائونسل جو وائيس چيئرمين مقرر ڪيو آهي. اهڙي قسم جي مقرري سندس زرعي تعليم جي شعبي ۾ سندن نمايان تعليمي ڪارڪردگي ۽ خدمتن جي مڃتا طور ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين جي منظوري کان پوءِ باقاعده طور تي ايڇ اي سي جي ڪوآرڊينيشن ڊويژن طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. کيس اها ذميواري ايندڙ ٽن سالن جي مدت لاءِ سونپي وئي آهي. پروفيسر ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر هن وقت سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ فيڪلٽي آف ڪراپ پروڊڪشن جي ڊين جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ان موقعي تي سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال، پروفيسر ڊاڪٽر راڄپر کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر جي مقرري زرعي يونيورسٽي جي تدريسي علمي جي علمي قابليت جو واضح ثبوت آهي ۽ ان سان ملڪ جي زرعي يونيورسٽين ۾ تعليمي ۽ تحقيقي ترقي کي وڌيڪ هٿي ملندي. جڏهن ته پروفيسر ڊاڪٽر راڄپر پنهنجي مهارت ۽ تجربي ذريعي زرعي يونيورسٽين ۾ ڊگري پروگرامن جي درجابندي، ترقي ۽ معيار جي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. پروفيسر ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر چيو ته هو پنهنجون ذميواريون مڪمل ديانتداري، محنت ۽ سنجيدگي سان انجام ڏيندو هن عزم ظاهر ڪيو ته هو نه رڳو سنڌ زرعي يونيورسٽي پر ملڪ جي سمورين زرعي يونيورسٽين ۽ تعليمي معيار ايڪريڊيشن جي نظام ۽ زرعي تعليم جي مجموعي بهتري لاءِ اثرائتو ۽ ذميوار ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 14

جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ هن چيو ته سنت سائين سادرام جي وڇوڙي جي خبر ٻڌي دلي صدمو پهتو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت پوري هندو برادري، خاص طور سنڌ جي عوام ۽ مرحوم جي عقيدتمندن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪري ٿي. هن چيو ته سنت سائين سادرام صاحب انسان دوست، امن ۽ محبت جا علمبردار هئا، جن پنهنجي سموري زندگي انسانيت، ڀائيچاري ۽ خلق خدا جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هن چيو ته سندن وفات هندو برادري سميت سڄي سنڌ جي عوام لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنت سائين رام دربار سميت لکين عقيدتمند اڄ سوڳ ۾ ورتل آهن. جڏهن ته سنت سائين سادرام جي خدمتن کي سندن روحاني، سماجي ۽ فلاحي خدمتن سبب هميشه ياد رکيو ويندو هن مرحوم جي وارثن، عقيدتمندن ۽ سموري هندو برادري لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 15

اضافي ڪانپوءِ 162896.68 پوائنٽس تي بند ٿيو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 562 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، 262 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 171 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 129 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو ڪاروباري سرگرمين دوران 391.93 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، جنهن جي ماليت 22.97 ارب رپيا هئي. ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 346.80 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 48687.46 پوائنٽس ۽ اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 1168.72 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 233849.31 پوائنٽس تي بند ٿيو فيوچر ٽريڊنگ تحت 14.01 ارب رپين جا سودا طئي ٿيا. مارڪيٽ ڪيپٽلائيزيشن جو گاٿيٽو 0.5 سيڪڙو جي اضافي ڪانپوءِ 64.9 ارب رپيا ٿي ويو سينر جيڪو پي ڪي لميٽيڊ جي 23945909 شيئرز، اينگرو هولڊنگ لميٽيڊ جي 22942570 شيئرز ۽ بئنڪ آف پنجاب جي 19059335 شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي. گلشن سپننگ ملز صديق سنز ٽن پليٽ لميٽيڊ ۽ ڪالوني ٽيڪسٽائل ملز سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون.

بقايا 16

ڊينڊ آفيسون (ايم ٽي اوز)، ڪارپوريٽ ٽيڪس آفيسون (سي ٽي اوز) ۽ علائقائي ٽيڪس آفيسون (آر ٽي اوز) ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن 23 ۽ 24 مئي 2026 ع تي کليل رهنديون. ايف بي آر طرفان اڳاري ڏينهن جاري بيان مطابق اهي آفيسون 23 ۽ 24 مئي 2026 ع تي ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسز جي وصولي لاءِ معمول مطابق ڪم ڪنديون.

بقايا 17

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 67 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 70 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 37 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 37 هزار 300 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 17 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 17 هزار ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 38 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 38 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 17 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 7 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن بابت جاري ڪيل انگن اکرن موجب ڳڊو وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 62 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 60 هزار 200 ڪيوسڪ، سکر ۾ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 54 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 18 هزار ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 11 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو ٻڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. ڊيمن جي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1449.41 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.994 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1164.70 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.328 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 644.20 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.118 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 18

پلانٽ لڳايو ويندو هن منصوبي لاءِ ٽينڊر ايندڙ مهيني منعقد ڪيو ويندو ۽ بايو گيس کي ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو گرين لائين تي سفر ڪندڙ پهريان 50,000 مسافر هئا، پر هاڻي اهو انگ 95,000 مسافرن تائين وڌي ويو آهي. سنڌ اسيمبلي ۾ ٽرانسپورٽ کاتي سان لاڳاپيل سوالن جي وقت ميمبرن جي مختلف تحريري ۽ ضمني سوالن جا جواب ڏيندي اهو چيو. شرجيل ميمڻ چيو ته پيپلز بس سروس، پنڪ بس، اي وي بس لاءِ معاهدا ڪيا ويا هئا ۽ اهي سڀئي معاهدا مڪمل طور تي شفاف هئا پئسا هڪ وفاقي سرڪاري ڪمپني کي ڏنا ويا ۽ وفاقي ايجنسي بسون خريد ڪيون. هن چيو ته اي وي بسون پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تي آنديون ويون آهن. اسان هر بس تي سبسڊي ڏئي رهيا آهيون. ساڳي ماڊل تحت، اسان 500 وڌيڪ بسون خريد ڪرڻ وارا آهيون. ان لاءِ، اسان اخبار ۾ اشتهار ڏنو آهي. ايم ڪيو ايم ميمبر شارق جمال چيو ته سرڪاري بسون منهنجي حلقي مان نه ٿيون گذرن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مون وٽ ڪل 423 بسون آهن. خانگي بسون روڊ تي هلڻ جي قابل نه آهن اسان هڪ فٽنيس سينٽر به ٺاهيو ۽ بسون گرائونڊ ڪيون. جماعت اسلامي جي محمد فاروق چيو ته جيڪڏهن شرجيل ميمڻ اڄ جي اجلاس ۾ جيترو سنجيده آهي، ڪراچي ڪٿان ويندو؟ هن چيو ته ريڊ لائين منصوبي ڪري ڪنهن کي تڪليف ڪونهي. پندرهن سالن کان ڪو به بي آر ٽي نه ٺاهيو ويو آهي. شرجيل انعام ميمڻ جواب ڏنو ته جماعت اسلامي وارن هڪ پوسٽر لڳايا آهن. انهن ماڻهن پنهنجي پبلسٽي جي لاءِ هي جيڪو پئسو خرچ ڪيو آهي، جيڪڏهن اهي پنهنجي شهر تي ساڳيو خرچ ڪن ته ڪراچي جي صورتحال بهتر ٿي ويندي. شرجيل ميمڻ چيو ته بايو گئس پلانٽ لڳائڻ ۽ ڊيرو سبب اهو آهي ته اڳ بسون ڊيزل تي هلنديون هيون، پر هاڻي گئس ۽ اي وي تي هلندڙ بسون اچي رهيون آهن. شارق جمال چيو ته بايو گيس ٽيڪنيڪي سان اهي ان سبب ٿيندڙ نقصان جو ازالو ڪير ڪندو؟ صلاحڪار به غائب آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن ٽينڊر نه هو ته ٺيڪيدار ڪيئن پهچي ويو؟ ڪهڙو صلاحڪار پهچي ويو؟ ان جو نالو ٻڌايو ايم ڪيو ايم ميمبر عادل عسڪري چيو ته مون سينئر وزير کي وڏي وزير کان وڌيڪ اهل سمجهيو ريڊ لائين منصوبي جي ٺيڪيدار، امين جان ۽ ايف ڊبليو او جي قيمت ڇا آهي؟ جيڪڏهن شرجيل ميمڻ منصوبي جي سائيٽ تي ٻه مهينا گذارين ته هي منصوبو مڪمل ٿي ويندو سينئر ٽرانسپورٽ وزير چيو ته مون کي ڪجهه وقت ٻڌايو هو سڀني کي بريفنگ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هن چيو ته امين جان 30 سيڪڙو جو ٺيڪيدار آهي، 70 سيڪڙو جو ٺيڪيدار ڪو ٻيو آهي. ڪيتريون ئي شيون آهن جيڪي مان ڪئميرا ۽ مائڪروفون تي نٿو ٻڌائي سگهان. بي آر ٽي جي حوالي سان سوئي گئس ۽ ڪي اليڪٽرڪ سان ڪيترائي مسئلا آهن. اسان جا ڪيترائي مسئلا آهن. ڪڏهن ڪڏهن سوئي ايس اين جي ايل يا ڪي ايم سي رڪاوٽ وجهندو آهي. اسان کي ڪيترائي چيلنجز پيش آيا آهن پر حڪومت جي نيت صاف آهي. هن چيو ته هر روز تنقيد ٿيندي آهي، اسان کي اهو به پسند ناهي، پر مسئلن کي به سمجهڻ کپندو هن چيو ته شرجيل ميمڻ ريڊ لائين منصوبي جي ڪري ماڻهو تڪليف ۾ آهن. اهي معافي چاهين ٿا. هڪ چيو ته هن ڪري ڪير بهترين آفيسر مقرر ڪيا ويا آهن. جن ۾ ٽرانس ڪراچي جو سي اي او به شامل آهي. سنڌ واحد صوبو آهي جيڪو عورتن کي مفت گلابي اسڪوٽر ڏئي رهيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته اسان 500 آئي رهيا آهيون، اها ڪمپني چارجنگ اسٽيشن به قائم ڪندي. جڏهن ته حڪومت جمع ڪرائڻ لاءِ زمين فراهم ڪندي. هن چيو ته نگران حڪومت دوران، ان پنهنجي 9 مهينن جي دور ۾ بي آر ٽي منصوبي تي هڪ به اينٽ نه رکڻ ڏني. اسان جي پوئين حڪومت ۾ ڊالر بيٺو هو پر وين جنهن جي ڪري هر منصوبي جي قيمت تمام گهڻي وڌي وئي. هن چيو ته نگران حڪومت ۾ ڪنهن به پارٽي بيان نه ڏنو آهي. پرائيو ٺيڪيدار اڃا تائين بي آر ٽي لاٽ ون ڪري رهيو آهي. اسان لاٽ ٽو ايف ڊبليو او کي ڏنو آهي. هن منصوبي ۾ نيڪ نيتي سان ڪم ڪيو پيو وڃي. گرين لائين وفاقي حڪومت ٺاهي هئي. ٻنهي جو آپريشن اڳ ۾ پي آءِ ڊي سي ايل وٽ هو هاڻي ٻنهي جو ڪنٽرول سنڌ حڪومت وٽ آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته جڏهن وفاقي حڪومت اقتدار ۾ هئي ته اورنج لائين تي 2 هزار مسافر سفر ڪندا هئا، هاڻي روزانو 9 هزار مسافر سفر ڪري رهيا آهن. جڏهن ته گرين لائين تي سفر ڪندڙ مسافرن جو تعداد 95 هزار آهي. ايم ڪيو ايم جي صابر قائمخاني ياد ڏياريو ته ڇهه مهينا اڳ وزير لطيف آباد کان بس سروس شروع ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو پر هوايا تائين پورو نه ٿيو آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته لطيف آباد کان تمام جلد عوام جي بس سروس شروع ٿيڻ واري آهي. جيڪا حيدر چوڪ تائين هلندي. هن چيو ته اسان هر گهٽي ۽ هر پاڙي ۾ عوام جي بسون هلائينداسين. شرجيل ميمڻ چيو ته حيدرآباد ۾ 29 هنڌن تي بس اسٽاپ ٺاهيا ويا آهن. ڪراچي ۾ به اهو مسئلو آهي، ماڻهو هر هنڌ بسون روڪيندا آهن شاهراهه فيصل تي به ماڻهو پيادل پل استعمال نٿا ڪن جنهن جي ڪري حادثا ٿين ٿا.

بقايا 19

س جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ هندو برادري، مرحوم جي عقيدتمندن ۽ وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هو هندو برادري، سائين سادرام جي عقيدتمندن ۽ پوئلڳن سان برابر جو شريڪ آهي. هن چيو ته سائين سادرام بين المذاهب هم آهنگي، امن، محبت ۽ انسان دوستي جي علامت هئا. شرجيل انعام ميمڻ موجب، سائين سادرام رواداري، ڀائيچاري ۽ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو هن وڌيڪ چيو ته سائين سادرام جو لاڏاڻو نه رڳو هندو برادري پر سنڌ جي سمورن امن پسند ماڻهن لاءِ وڏو نقصان آهي. سندس چوڻ هو ته سائين سادرام پنهنجي سڄي زندگي مذهبي رواداري، امن ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. جنهن کي هميشه ياد رکيو ويندو.

بقايا 20

سيد عاصم منير ۽ پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ کنيل مختلف قدمن تي وزير مير سرفراز بگٽي ۽ سندس ٽيم جي تعريف ڪئي. وزيراعظم بلوچستان ۾ رخشان ڊويزن ۾ فرنٽيئر ڪور کي مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان حوالي سان ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته ان سان بلوچستان ۾ معدنيات جي تحفظ لاءِ هڪ راهداري قائم ٿيندي. هن سيڪيورٽي راهداري ۾ فرنٽيئر ڪور جا اضافي ونگ، هاءِ ويز تي پوسٽون، نگراني ٽاور، سرحدن تي پوسٽون وغيره شامل هونديون، وزيراعظم وڌيڪ چيو ته پاڪستان قدرتي وسيلن، خاص طور تي معدنيات سان مالا مال آهي. ملڪ ۾ معدنيات سان لاڳاپيل منصوبن تي ڪم ڪندڙ مقامي ۽ بين الاقوامي ڪمپنين جي اعتماد برقرار رکڻ لاءِ بلوچستان ۾ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ ضروري آهي. وزيراعظم ضلعي انتظاميا ۾ مقررين شفافيت ۽ ميرٽ کي برقرار رکڻ لاءِ بلوچستان حڪومت جي ڪوششن کي به ساراهيو وزيراعظم پنهنجي تقرير ۾ چيو ته پوليس ۽ ٻين فورسز جي بهترين تربيت ۽ نئين ٽيڪنالاجي دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي لاءِ تمام ضروري آهي. پاڪستان حڪومت بلوچستان جي نوجوانن کي قومي ڌارا ۾ موثر طريقي سان شامل ڪرڻ، انهن کي بااختيار بڻائڻ ۽ مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ مختلف قدم کڻي رهي آهي. انهن قدمن ۾ تعليمي موقعن ۾ اضافو ٽيڪنيڪل ۽ پيشيوارانه تربيت، روزگار جي موقعن جي فراهمي، رانديون ۽ نوجوانن جي پروگرامن کي فروغ ڏيڻ، اسڪالرشپ، جديد مهارتن جي تربيت، ۽ فيصلا سازي جي عمل ۾ نوجوانن جي شرڪت شامل آهي. گفتگو جاري رکندي وزيراعظم وڌيڪ چيو ته بلوچستان ۾ انفراسٽرڪچر، تعليم، صحت ۽ مواصلات جي شعبن ۾ ترقياتي منصوبن تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي ته جيئن عوام کي بهتر سهولتون ۽ ترقي لاءِ برابر موقعا فراهم ڪري سگهجن حڪومت نوجوانن کي تعميري رابطي ۽ اثرائتي شموليت ذريعي قومي ترقي ۾ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪري رهي آهي. اجلاس ۾ وزيراعظم کي بلوچستان ۾ سيڪيورٽي صورتحال، دهشتگردي جي خاتمي جي قدمن، ۽ اي آءِ، گورننس سسٽم جي بهتري بڻائڻ جي قدمن، ڊيجيٽلائيزيشن، ڪيش ليس معيشت لاءِ قدمن ۽ ٻين معاملن تي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ چيو ويو ته سيٽي ادارا دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ سرگرم ڪم ڪري رهيا آهن. بلوچستان ۾ نوجوانن جي ڀلائي لاءِ يوٿ اسڪالر پروگرام ۽ ٻين منصوبن تي ڪم جاري آهي. نومبر 2024 کان وٺي پولي جو ڪوبه ڪيس رپورٽ نه ٿيو آهي. بريفنگ ۾ وڌيڪ چيو ويو ته صحت جي شعبي جا ڪيترائي منصوبا جهڙوڪ ڪينسر انسٽيٽيوٽ، ڊائلسس سينٽر، ٽراما سينٽر ۽ ٻيا فعال ڪيا ويا آهن ۽ وڌيڪ تعمير ڪرڻ لاءِ ڪم جاري آهي. هن وقت بلوچستان ۾ 99 سيڪڙو اسڪول کليل آهن ۽ تعليمي سرگرميون جاري آهن. بلوچستان ۾ 15,000 کان وڌيڪ گهر شمسي توانائي جي منصوبي مان فائدو حاصل ڪري چڪا آهن. جنهن جي ڪري هاڻي تائين تقريبن 105 ارب رپين جي بچت ٿي چڪي آهي. اجلاس ۾ آرمي چيف ۽ ڊفينس فورسز جي سربراهه فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي، وفاقي وزير خواجه آصف، احسن اقبال، سيد محسن رضا نقوي، عطاء الله تارڙ، خالد مگسي، جام ڪمال خان، وزيراعظم جي صلاحڪار رانا ثناءُ الله ۽ لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 21

لاهور پهتو لاهور پهچڻ تي، بلاول ڀٽو زرداري جو پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر خان استقبال ڪيو ذريعن موجب، دوري دوران پي پي چيئرمين پنجاب جي اڳواڻن سان ملاقات ڪندو.

بقايا 22

جو اعلان ڪيو آهي. خيبر پختونخواهه جي مالي صلاحڪار مزمل اسلم اعلان ڪيو ته خيبر پختونخواهه حڪومت زميندارن کان 225,000 ٽن ڪڻڪ خريد ڪندي. هن چيو ته ڪي پي حڪومت پنهنجي وسيلن مان 3500 رپيا في من جي حساب سان ڪڻڪ خريد ڪندي. خيبرپختونخواهه جي مالي صلاحڪار مزمل اسلم چيو ته سامان پهچائڻ کان پوءِ 24 ڪلاڪن اندر زميندارن کي ڪڻڪ جي قيمت ادا ڪئي ويندي. ياد رهي ته خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي خراب صورتحال، گئس جي بندش ۽ اٽي جي بحران تي صوبائي حڪومت، اپوزيشن ۽ خيبرپختونخواهه جو گورنر هڪ ئي صفحي تي اچي ويا آهن.

بقايا 23

ڏينهن جي دوري تي ڪوئيٽا پهچي ويو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم جو ڪوئيٽا ايئرپورٽ تي بلوچستان جي گورنر جعفر خان مندوخيل استقبال ڪيو وزيراعظم ڪوئيٽا ۾ صوبائي قيادت سان ملاقات ڪندو وزيراعظم نيشنل ايڪشن پلان جي صوبائي ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت پڻ ڪندو.

بقايا 24

ڪيترن ئي ماڻهن جا نالا سامهون اچي سگهن ٿا. ڪراچي چيمبر جي دوري جي موقعي تي واپارين سان ڳالهيون ڪندي آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو چيو ته سنڌ حڪومت جي تعاون سان منشيات جي خاتمي تي ڪم ڪري رهيا آهيون. هڪ هزار کان وڌيڪ ڌوهارين کي گرفتار ڪيو آهي. هن چيو ته منشيات استعمال ڪندڙ ۽ وڪرو ڪندڙن ۾ فرق آهي. جيڪو منشيات جو ڪم ڪري رهيو آهي انهن کي بخش نه ڪنداسين. ٽاسڪ فورس ٺاهي رهيا آهيون. هر شهري جو فرض آهي ته ڄاڻ فراهم ڪري. پنڪي ڪيس بابت ڳالهيون ڪندي جاويد عالم اوڍو چيو ته پنڪي گهڻو وقت لاهور ۾ گذاريو. انهي ڪيس ۾ ڪيترائي معتبر نالا آهن. ڪيترن ئي ماڻهن جا نالا سامهون اچي سگهن ٿا. پر منهنجي ميڊيا کي درخواست آهي ته پنڪي کي گليمرائز نه ڪيو وڃي ته انهي تي ٻه فلم ٺهي وڃي. آءِ جي سنڌ وڌيڪ چيو ته ڪچي ۾ آپريشن نجات مهراڻ شروع ڪيو. 600 کان وڌيڪ ڌاڙيل مارجي ويا ڪيترائي گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته ڪيترن ئي هٿيار ڦٽا ڪيا. هاڻ سنڌ ۾ ڪو به نوگو ايريا نه آهي. جڏهن ته ڪراچي ۾ به امن امان جي صورتحال ماضي جي مقابلي ۾ ڪافي بهتر آهي.

بقايا 25

کي معاوضو فراهم ڪرڻ آهي جيڪي پاڻ کي غير منصفاڻي جاچ ۽ ڪيسن جو نشانو سمجهن ٿا. پرڏيهي ميڊيا موجب 1.776 بلين ڊالرن جي ماليت جو اينٽي ويپنائيزيشن فنڊ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران انٽرنل ريونيو سروس خلاف داخل ڪيس جو حصو آهي. اهو ڪيس ٽرمپ جي ٽيڪس گوشوارن جي ظاهر ٿيڻ واري معاملي تي داخل ڪيو ويو هو. فنڊ تحت اهي ماڻهو مالي مدد لاءِ درخواست ڏئي سگهندا جيڪي اهو سمجهن ٿا ته ڪين سياسي مقصدن تحت ڪيسن يا جاچ کي منهن ڏيڻو پيو. نئون فنڊ جي بائيڊن انتظاميه جي انصاف واري کاتي جون ڪارروايون ۾ شامل آهن. وقتي اٽارني جنرل ٽوڊ بلانچ چيو ته اهي قدم قانوني جنگ ۽ اختيارن جي غلط استعمال جو شڪار ماڻهن کي پنهنجون شڪايتون پيش ڪرڻ ۽ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ قانوني رستو فراهم ڪندا. هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته حڪومتي ادارن کي ڪڏهن به ڪنهن آمريڪي شهري خلاف هٿيار طور استعمال ٿيڻ نه گهرجي ۽ انصاف کاتي جي ڪوشش آهي ته ماضي جي غلطين جو ازالو ڪيو وڃي ۽ اهو يقيني بڻايو وڃي ته آئينده ائين ٻيهر نه ٿيندو.

بقايا 26

جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ميجر جنرل (ر) علي فرحان ريلوي واري وزارت ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پاڪستان ريلوي ۾ جديد ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل رابطڪاري، ڪميونيڪيشن سسٽمز جي بهتري ۽ گڏيل تعاون جي مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ريلوي واري وزارت جي ميڊيا آفيس موجب وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ريلوي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ اداري جاتي تعاون انتهائي اهميت رکي ٿو ان موقعي تي ڊي جي اين ٽي سي ميجر جنرل (ر) علي فرحان پاڪستان ريلوي سان هر ممڪن ٽيڪنيڪي تعاون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي ۽ ٻنهي پاران مستقبل ۾ گڏيل تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 27

بلز سميت 63 نقطا هئا. جڏهن ته اجلاس شروع ٿيندي ئي اقبال آفريدي ڪورم جي نشاندهي ڪئي. ڪورم پورو نه هئڻ تي اجلاس جي ڪارروائي 15 منٽن لاءِ ملتوي ڪئي وئي. جنهن کان پوءِ ڪورم پورو نه ٿيڻ تي اجلاس (اڄ) صبح جو 11 بجي تائين ملتوي ڪيو ويو.

بقايا 28

ريل ڏينهن ايشيائي انفراسٽرڪچر انويسٽمينٽ بئنڪ جي صدر زوجيابي سان ملاقات ۾ چئي. ملاقات ۾ گڏيل تعاون ۽ مستقبل جي ترقياتي منصوبن سان سلهاڙيل معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. وفاقي وزير زوجيابي کي عهدو نڀائڻ تي مبارڪون پڻ ڏنيون ۽ ان اميد جو اظهار ڪيو ته سندن قيادت ۾ پاڪستان ۽ اي آءِ آءِ بي وچ ۾ شراڪتداري وڌيڪ مستحڪم ٿيندي. اي آءِ آءِ بي جي صدر ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان بئنڪ جو اهم اسٽريٽجڪ ترقياتي شراڪتدار آهي جنهن لاءِ بئنڪ جو مجموعي پورٽ فوليو اٽڪل 3.5 ارب ڊالرن تي ٻڌل آهي.

بقايا 29

۽ آهن ۽ هڪ مضبوط، اُسرندڙ ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ معياري صحت ۽ تعليم جي فراهمي اٽر آهي. نرسز جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان رکيل تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته پاڪستان جي اسپتالن جو معيار اهڙو هئڻ گهرجي ته شهرين کي علاج لاءِ پرڏيهه وڃڻ جي ضرورت پيش نه اچي. هن چيو ته ملتان ۾ مختيار اسپتال جي قيام جو مقصد صحت جون بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. تقريب جو بندوبست نليواري انٽرنيشنل اسپتال ۽ موران پڻ هوٽل سينٽرس جي گڏيل سهڪار سان ڪيو ويو. سينيٽ چيئرمين چيو ته نرسنگ جو شعبو طب ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو جيڪو ڏکين حالتن ۾ نه صرف مريضن جي سارسنڀال ڪري ٿو پر ان جي ڪٽنبن کي پڻ حوصلو اميد ۽ اعتماد فراهم ڪري ٿو. هن چيو ته نرسنگ برادري جون خدمتون انسانيت لاءِ عظيم سرمايو آهن ۽ پوري قوم ان جي قربانين ۽ انٿڪ خدمتن کي سلام پيش ڪري ٿي.

بقايا 30

ويڪسينيشن ڪوريج ۾ بهتري، شراڪتداري کي هٿي وٺائڻ ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. صحت واري وزارت پاران جاري بيان موجب وفاقي وزير صحت ڊاڪٽر ثانيه نشتر جو ٿورو ادا ڪندي گاوي جي خدمتن جي تعريف ڪئي. هن چيو ته ٻارن جي صحت جو تحفظ ۽ ويڪسينيشن ڪوريج ۾ اضافو پاڪستان حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته قومي ويڪسين پاليسي جي منظوري حاصل ڪئي وئي آهي ۽ ان جي اثرائتي نموني لاڳو ٿيڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن. هن چيو ته پاڪستان ويڪسين جي مقامي پيداوار کي هٿي ڏيڻ لاءِ انڊونيشيا، چين ۽ سعودي عرب جهڙن ملڪن جي تجربن مان فائدو کڻڻ چاهي ٿو جڏهن ته ان سلسلي ۾ گاوي کي فني رهنمائي ۽ مشاورت جي درخواست به ڪئي وئي آهي.

بقايا 31

هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي. درخواست آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز ايسوسيئيشن طرفان داخل ڪئي وئي آهي، جسٽس خالد اسحاق درخواست تي ٻڌائي ڪندي درخواست ۾ پنجاب حڪومت، اسڪول ايجوڪيشن کاتو ۽ ٻين کي ڌر بنايو ويو آهي، درخواستگذار موقف اختيار ڪيو ته پنجاب حڪومت 3 مهينن جي گرمي جي موڪلن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو پاڪستان ۾ تعليمي سال گهٽ ٿي 120 جو رهجي ويو آهي. آمريڪا انگلينڊ سميت ٻين ملڪن ۾ تعليمي سال 230 ڏينهن جو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته 3 مهينا تعليمي ادارا بند ڪرڻ سان شاگردن جي پڙهائي متاثر ٿيندي، استدعا ڪئي وئي ته عدالت 3 مهينن تائين تعليمي ادارا بند ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏئي. درخواستگذار مطالبو ڪيو ته عدالت تعليمي ادارن ۾ گرمي جون موڪلون 6 کان 8 هفتا ڪرڻ جو حڪم ڏئي.

بقايا 32

۾ مذمت ڪئي آهي. گڏيل مذمتي بيان جاري ڪندڙ 10 ملڪن ۾ پاڪستان، ترڪي، بنگلاديش، برازيل، ڪولمبيا، انڊونيشيا، اردن، ليبيا، مالديپ ۽ اسپين جا پرڏيهي وزير شامل آهن. گڏيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته گلوبل صمود فلوٽيلا هڪ پرامن شهري ۽ انساني همدردي تي ٻڌل قدم آهي، انهي جي ذريعي عالمي برادري جو ڌيان غزه ۾ انساني بحران طرف ڇڪايو ويو. گڏيل مذمتي بيان ۾ چيو ويو آهي ته ٻيڙين تي حملا، ڪارڪنن جي گرفتاري، عالمي قانون جي کليل ڀڃڪڙي آهي، اسرائيل گرفتار سمورن ڪارڪنن کي فوري طور تي آزاد ڪري، گرفتار سمورن ڪارڪنن جي حقن ۽ وقار جو مڪمل احترام يقيني بنايو وڃي. ڏهن ملڪن جي گڏيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پرامن انساني همدردي جي سرگرمين تي حملا عالمي قانون ۽ آزاد جهاز راني جي ڀڃڪڙي آهن. عالمي برادري کان مطالبو ڪريون ٿا ته اها پنهنجون قانوني ۽ اخلاقي ذميواريون پوريون ڪري. بيان ۾ مطالبو ڪيو ويو ته اهڙين اسرائيلي ڀڃڪڙين جي احتساب يقيني بڻائڻ جي لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ اسرائيل کي سزا کان ڇوٽ جي خاتمي جي عملي قدم کنيا وڃن.

بقايا 33

ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريٽ رهيا. آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 280.40 ۽ خريد جو اگهه 277.39 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 376.12 رپيا ۽ خريد جو 371.69 رپيا، يورو جي وڪري جو اگهه 326.43 ۽ خريد جو اگهه 322.59 رپيا جاپاني ين جي وڪري جو اگهه 1.7640 ۽ خريد جو اگهه 1.7433 رپيا سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 74.71 ۽ خريد جو اگهه 73.83، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 76.34 ۽ خريد جو اگهه 75.44 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 34

، جيڪا هاڻي 24 جون تائين لاڳو رهندي پاڪستان سول ايويئيشن اٿارٽي پاران جاري ڪيل "نوٽس ٽو ايئر مين" (NOTAM) ۾ ڏنل پابندي جي اڳوڻي مدي جو خاتمو 24 مئي تي ٿيڻ وارو هو نوٽام موجب پابندي ۾ واڌ 19 مئي صبح 10 لڳي 40 منٽن کان لاڳو ٿي ۽ اها پابندي 24 جون صبح 4 لڳي 59 منٽن تائين برقرار رهندي. نوٽام، موجب "پاڪستان جون هوائي حدون ڀارت ۾ رجسٽرڊ جهازن ۽ ڀارتي ايئرلائنز جنهن ۾ ڀارت جي ملڪيت يا ڀارتي آپريٽرز جي سڀني ايئرلائينز لاءِ پاڪستاني هوائي حدن کي فوري طور بند ڪرڻ به شامل هو اهو قدم نئين دهلي پاران پاڪستان خلاف کنيل جارحانه قدمن جي جواب ۾ کنيو ويو هو نئين دهلي بغير ڪنهن ثبوت جي الزام لڳايو هو ته اسلام آباد ان حملي جي پٺڀرائي ڪئي. جڏهن ته پاڪستان سختي سان ڪنهن به ملوث هجڻ جي ترديد ڪئي ۽ غيرجانبدار جاچ جي آڇ ڪئي هئي ٻنهي ايٽمي طاقتن وچ ۾ مئي مهيني دوران شديد هوائي جهڙپون به ٿيون. جن پٺيان پاڪستان دعوي ڪئي هئي ته هن ڀارت جا ست جنگي جهاز ڪيرايا هئا.

بقايا 35

طرفان چارئي صوبن، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي حڪومتن کي باضابطه خط موڪلي ڇڏيو آهي ان کانسواءِ وفاق جي انتظام هيٺ اسپتالن، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسن ۽ اسلام آباد هيلٿ ڪيئر ريگيوليٽري اٿارٽي کي به خصوصي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. صحت واري وزارت مطابق سموري سرڪاري ۽ نجي اسپتالن ۽ صحت مرڪزن کي پابند ڪيو ويو آهي ته هر قسم جي طبي ۽ جراحي عمل کان اڳ مقرر اسڪريننگ پروٽوڪول تي سختي سان عملدرآمد يقيني بنايو وڃي. سموري طبي ۽ جراحي عمل کان اڳ ايڇ آءِ وي ۽ هيپاٽائٽس بي ۽ هيپاٽائٽس سي جي ٽيسٽ لازمي قرار ڏني وئي آهي. جڏهن ته صحت مرڪز ۾ مريض جي ايڇ آءِ وي ۽ هيپاٽائٽس اسڪريننگ به لازمي هوندي. وزارت جي هدايتن چيو ته پازيٽو ٽيسٽ اچڻ جي صورت ۾ مريض کي مڪمل ڪائونسلنگ، رهنمائي ۽ علاج جي سهولت فراهم ڪئي ويندي ته جيئن بيمارين جي ڦهلاءُ کي موثر انداز ۾ روڪي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 01

چانڊيو ۽ عبدالرزاق چانڊيو ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ليٽ ننگر خان چانڊيو جي اسپتال جي عمارت مڪمل ٿيڻ باوجود هيل تائين ڊاڪٽر مقرر نه ڪيا ويا آهن، جيڪا صحت کاتي جي ڪليل نااهلي آهي هنن چيو ته اسپتال جي پسگردائي ۾ ڪيترائي قديمي ڳوٺ موجود آهن، جتي رهندڙ سوين ماڻهو جديد دور ۾ به بنيادي صحت جي سهولتن کان محروم آهن احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته معمولي بيمارين ۽ ايمرجنسي حالتن ۾ مريضن کي پري پري جي اسپتالن ڏانهن منتقل ڪرڻو پوي ٿو، جنهن سبب ڪيترن ئي ماڻهن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن وزير صحت سنڌ ۽ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته مجلد کان جلد اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي کي مقرر ڪري عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 02

ش ڪئي پئي وڃي ۽ مسلسل ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن متاثر شهري جو چوڻ آهي ته ڌمڪين سبب سندن خاندان سخت خوف ۾ مبتلا آهي، جڏهن ته لاڳاپيل ادارا خاموش ٻڌيل آهن متاثر خاندان اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميه ۽ پوليس کان فوري نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا عوامي سوچ 03

ڙ تي پيو، جنهن دوران لٺيون ۽ ڏنڊا هلڻ سبب هڪ پيرسن سميت ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا ذريعن موجب هڪ ڌر جا زخمي دادن علي، افضل خان، عاقب حسين، فيصل، علي رضا ۽ هڪ عورت سميت ڪل 8 ڄڻا زخمي ٿيا، جڏهن ته ٻي ڌر جا الياس، علي گوهر ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پيا ،واقعي بعد ايس ايڇ او مٺياڻي معاملي جو نوٽيس وٺندي ٻنهي ڌرين خلاف اين سي (NC)داخل ڪري ڇڏي، جڏهن ته پوليس زخمين کي قانوني ليٽر جاري ڪري طبي امداد لاءِ مٺياڻي اسپتال ريفر ڪيو ، ٻئي طرف رات جو تقريبن 9 وڳي مٺياڻي اسپتال ۾ ڪوبه ڊاڪٽر موجود نه هجڻ سبب زخمين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري اسپتال جي چوڪيدارن ۽ پٽيوالن زخمين کي فرسٽ ايڊ ڏئي وڌيڪ علاج لاءِ نوشهروفيروز سول اسپتال منتقل ڪيو ، واقعي بعد شهري ۽ زخمي وارث اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي غيرموجودگي خلاف سخت احتجاج ڪندي وزير صحت ۽ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته رات جي شفٽ ۾ ڊاڪٽر مقرر ڪري عوام کي پريشانين کان بچايو وڃي، نه ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 04

نائن موٽروي تي ٽرالر جي پوليس موبائل کي ٽڪر لڳڻ سبب شهيد ٿيل ڪانسٽيبل واجد علي ميراڻي جي نمازِ جنازو سندس اباڻي ڳوٺ حاجي لَطيف شاهه ۾ ادا ڪئي وئي نمازِ جنازي بعد پوليس جي چاق و چوبند دستي شهيد کي سلامي پيش ڪئي سرڪاري اعزاز سان آخري رسمون ادا ڪرڻ بعد شهيد کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو نمازِ جنازي ۾ اي ايس پي ستي محمد آصف، سينيئر آفيسرن ۽ اهلڪارن، شهيد جي وارثن، دوستن ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم شهيد جي قرباني کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته پوليس کاتو پنهنجن شهيدن جي عظيم قربانين کي هميشه ياد رکندو ۽ وارثن سان هر ممڪن سهڪار جاري رکيو ويندوايس ايس پي ضلع شڪارپور

بقايا عوامي سوچ 05

ملاقات دوران ڪيو، انهي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي فيضان جمالي چيو ته سماجي ڀلائي، نوجوانن جي حقن ۽ سنڌ ڌرتي جي بهتر مستقبل لاءِ سندس جدوجهد جاري رهندي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي نائب صدر امير آزاد پنهور چيو ته غريبن جي حقن لاءِ اسان جي جدوجهد هميشه جاري رهندي، اسان پنهنجي ڌرتي جي حفاظت پنهنجي جان کان به وڌيڪ ڪنداسين.

بقايا عوامي سوچ 06

سي ايڇ ڊي (NCHD)جي گڏيل سهڪار سان هڪ وڏي تعليمي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ استادن، شاگردن، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تفصيل موجب، هيءَ ريلي گورنمنٽ هاءِ اسڪول ٻگهاڻ کان روانو ٿي شهر جي مختلف رستن تان گذرندي ٻگهاڻ شهر جي مکيه چوڪ تي پهتي، جتي ريلي هڪ وڏي گڏجاڻيءَ جي شڪل اختيار ڪري ورتي. ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي گورنمنٽ هاءِ اسڪول ٻگهاڻ جي هيڊ ماسٽر عبدالڪريم ميمڻ ۽ اين سي ايڇ ڊي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ميمڻ چيو ته هن ريلي ڪڍڻ جو بنيادي مقصد عوام ۾ تعليمي سجاڳي پيدا ڪرڻ آهي، ته جيئن علائقي جو ڪوبه ٻار تعليم جي زيور کان محروم نه رهي. اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو ته تعليم حاصل ڪرڻ هر ٻار جو بنيادي ۽ قانوني حق آهي. اسان تعليم جي ذريعي ئي هڪ بهتر، امن پسند ۽ ترقي يافته معاشرو جوڙي سگهون ٿا. والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارڙن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائين ته جيئن اهي اڳتي هلي اعليٰ تعليم حاصل ڪن، سٺا شهري بڻجن ۽ پنهنجي قوم توڙي ملڪ جو نالو روشن ڪن. ريلي جي آخر ۾ اڳواڻن ۽ استادن علائقي جي مائٽن (والدين) کي پرزور اپيل ڪئي ته هو ٻارن کي ٻني ٻاري يا ٻين ڪمن تي لڳائڻ بدران اسڪولن ڏانهن موڪلين ۽ هن تعليمي داخلا مهم کي ڪامياب بڻائي پنهنجي ٻارن جو مستقبل محفوظ ڪن.

بقايا عوامي سوچ 07

خلاف ڳوٺاڻن دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان مالوند ماڻهو آهيون ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندا آهيون، مخالف راحب رند، رضا محمد رند، گلشير رند، مهراب رند، راڻو رند ڌر سان پراڻو خوني تڪرار هلندڙ آهي ڪجهه عرصو اڳ مخالفن نصيرآباد ٿاڻي جي حد ۾ اسان جي عورت کي قتل ڪيو هو، وري 10 ڏينهن اڳ اسماعيل جا ياڻ ٿاڻي جي حد ۾ منهنجي مٿان راحب رند ۽ علي رضا رند وارن ڏنڊن ڪهاڙين سان حملو ڪيو، ۽ گلشير رند ميهر رند ۽ راڻو رند هٿيار سڌا ڪري بيٺا هئا، ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرايي علاج لاءِ ليٽر ورتو، سيوهڻ اسپتال مان علاج ڪرايي موٽي آيا آهيون، اسماعيل جا ياڻ پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو، هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته مخالف قتل جي ڪيس تان هٽ ڪٽائڻ لاءِ ٻيهر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي،

بقايا عوامي سوچ 08

درگاه مسڪين شاه جي ڳوٺ محمد اشرف درس جي رهواسي نوجوان عيسي پٽ انب ملاح سان ٽي سال اڳ سجاول ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪيو هو موتمار ڌمڪيون ملڻ ڪانپوءِ مسمات بچل ملاح ۽ نوجوان عيسي ملاح چوهڙ جمالي پريس ڪلب پهچي تحفظ جي اپيل ڪئي ناري جو چوڻ هو ته مون اڳوڻي مڙس محمد حسن ملاح کان طلاق وٺي پنهنجي رضا خوشي سان درگاه مسڪين شاه جي رهواسي عيسي ملاح سان ٽي سال اڳ سجاول ڪورٽ ۾ نڪاح ڪيو هو جنهن مان مونکي هڪ پٽ جو اولاد به آهي پر هاڻي منهنجو اڳوڻو مڙس محمد حسن , پي نانو ملاح , درو ملاح , علي محمد ملاح منهنجا ۽ منهنجي مڙس عيسي ملاح جي جان جا دشمن ٿي پيا آهن اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن هو اسان کي ڪٿي به رهڻ نٿا ڏين هنن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول کان پرزور مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ ڏيئي اسان کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ مخالف ڌر خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 09

وسيلي وڏي سجاڳپ ماڻي سندن وفات جو ٻڌي ادبي حلقن ۾ صدمي جي لهر ڇانئجي وئي مريم مجيدي جي اصل رهائش سجاول ۾ هئي جڏهن ته پاڻ ڪجھ سالن کان حيدرآباد ۾ رهندي هئي مرحومه مريم مجيدي جو مڙهه حيدرآباد کان سجاول آندو ويو ۽ سجاول ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مرحومه جي مڙهه کي بخاري شاه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ماڻهن اديبن شاعرن استادن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 10

۾ نمايان حيثيت اختيار ڪري ويو آهي ڪاچيلو قبيلي سان تعلق رکندڙ آبادگار فيصل ڪاچيلو جي سوين ايڪڙن تي پکڙيل باغن ۾ مختلف قسمن جا سنڌڙي ۽ ٻيا اعليٰ نسل جي ورائٽي انب پوکيل آهن، جيڪي نه صرف ملڪ جي مختلف شهرن تائين پهچن ٿا پر مختلف ملڪن ڏانهن پڻ امپورٽڊ ڪيا وڃن ٿا هر سال انبن جي موسم دوران صحافي، سوشل ايڪٽيوسٽ، زرعي ماهر ۽ مختلف علائقن جا ماڻهو فيصل ڪاچيلو جي اباڻي ڳوٺ پهچي باغن جو معائنو ڪري انبن جي مختلف ورائٽين ۽ پيداوار بابت ڄاڻ حاصل ڪندا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هن سال پاڻي جي شديد کوٽ سبب انبن جي پيداوار گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ گهٽ رهي آهي هن چيو ته آبپاشي کاتي جي شاخن ۽ واهن مان غيرقانوني پاڻي چوري ٿيڻ ڪري آبادگارن تائين گهربل پاڻي نٿو پهچي کوٽ رهي آهي، جنهن جو سڌو اثر باغن، زرعي زمينن ۽ ٻاچين جي فصلن تي پئجي رهيو آهي سندس چوڻ موجب سوين ايڪڙن تي مشتمل باغن کي مڪمل پاڻي نه ملڻ ڪري انبن جي معيار ۽ پيداوار ۾ نمايان گهٽتائي اچي رهي آهي، جڏهن ته پاڻ، بجلي ۽ زرعي خرچن ۾ واڌ سبب آبادگار وڌيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن فيصل ڪاچيلو چيو ته سنڌ جي معيشت جو وڏو دارومدار زراعت تي آهي، پر افسوس جو حڪومت آبادگارن جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم کڻڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي هن چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي غريب ۽ وچولي طبقي جي زندگي سخت متاثر ڪري ڇڏي آهي ۽ عام ماڻهو روزمره جي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ سخت پريشان آهن هن وڌيڪ چيو ته ڪوٽ غلام محمد جي عوام آزاد حيثيت ۾ مٽس جيڪو اعتماد ڪيو آهي، اهو سندس لاءِ وڏي عزت ۽ ذميواري جي حيثيت رکي ٿو علائقي جي سياسي صورتحال بابت ڳالهائيندي فيصل ڪاچيلو چيو ته ڪجهه مقامي حالتن ۽ سياسي غلط فهمين پڻ چونڊ نتيجن تي اثر وڌو هن چيو ته جيڪڏهن ڪيس مستقبل ۾ وڌيڪ وڏو سياسي ڪردار مليو ته هو پاڻي، تعليم، صحت ۽ روزگار جهڙن بنيادي عوامي مسئلن جي حل لاءِ اولين ترجيحن تحت ڪم ڪندو سندس چوڻ موجب نوجوانن ۾ وڌندڙ بيروزگاري انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال اختيار ڪري چڪي آهي، جڏهن ته حڪومت وٽ ان حوالي سان ڪو واضح ۽ مؤثر منصوبو موجود نظر نٿو اچي فيصل ڪاچيلو زور ڏيندي چيو ته جيڪڏهن زميندار ۽ آبادگار عملي سياست ۾ وڌيڪ سرگرم ٿين ته علائقي جا مسئلا بهتر نموني حل ٿي سگهن ٿا، چاڪاڻ ته اهي ئي ماڻهو زمين، زراعت ۽ عوامي مسئلن کان مڪمل طور واقف هوندا آهن انٽرويو جي آخر ۾ هن چيو ته هو هميشه عوام سان ويجهو تعلق، نرم رويو ۽ خدمت واري جذبي تي يقين رکي ٿو، ڇو ته عوام جي عزت، محبت ۽ اعتماد ئي سندس اصل طاقت آهي

بقايا عوامي سوچ 11

ي ڪمشنرون نٿو عمران الحق چيو آهي ته محفوظ تعليمي ماحول هر ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ تعليمي ادارن ۾ حفاظتي شعور اجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته شاگرد اسان جو مستقبل آهن ۽ انهن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي هن چيو ته جديد دور جي تقاضائن موجب اسڪولن ۾ حفاظتي قدمن کي وڌيڪ مؤثر ۽ منظم بڻائڻ جي ضرورت آهي، جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ بروقت ۽ بهتر نموني سان منهن ڏئي سگهجي سندس چوڻ هو ته اهڙيون آگاهي تقريبون نه رڳو شاگردن پر استادن ۾ پڻ ذميواري، احتياط ۽ بروقت ردعمل جي صلاحيت پيدا ڪن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته ضلعي انتظاميه تعليمي ادارن ۾ محفوظ ماحول جي فراهمي لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪري رهي آهي، جڏهن ته لاڳاپيل ادارن جي گڏيل سهڪار سان اسڪولن ۾ حفاظتي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ٻارن جي روشن ۽ محفوظ مستقبل لاءِ سڀ موجود وسيلا استعمال ۾ آندا ويندا انهن خيالن جو اظهار هن گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول مڪلي ۾ آغا خان ايجنسي فار هيبيٽاٽ پاڪستان جي سهڪار سان منعقد ٿيل "اسڪول تحفظ ڏهاڙي" جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب جو مقصد تعليمي ادارن ۾ محفوظ ۽ بهتر تعليمي ماحول جي فراهمي بابت آگاهي پيدا ڪرڻ هو تقريب کي خطاب ڪندي ٻين مقررن چيو ته اهڙيون سرگرميون شاگردن ۾ شعور، ذميواري ۽ احتياطي تدبيرن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، ان موقعي تي تعليمي تحفظ، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ شاگردن جي حفاظت بابت مختلف پهلوئن تي تفصيلي روشني وڌي وئي، جڏهن ته اسڪولن ۾ حفاظتي قدمن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ تي زور ڏنو ويو تقريب ۾ ڊي اي او ايليمينٽري حضور بخش خاصخيلي، ڊي اي او پرائمري نور محمد سرائي، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي خدا بخش ٻهراڻي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر چائلڊ پروٽيڪشن مهرين اقبال، ذيشان پليجو، ڊاڪٽر آڪاش عباسي، وحيد حيدر زئنور سميت ضلعي ٺٽي جي مختلف گرلز اسڪولن جي استادن، شاگردياڻين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ شاگردياڻين پاران اسڪول تحفظ جي موضوع تي مختلف ٽيبلو ۽ آگاهي پروگرام پيش ڪيا ويا، جن کي شرڪت ڪندڙن تمام گهڻو ساراهيو تقريب جي پڄاڻي تي اسڪول تحفظ بابت گڏيل عزم جو اظهار ڪندي مستقبل ۾ به اهڙيون آگاهي مهمون جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو، جڏهن ته پروگرام جي آخر ۾ مهرالنساءِ هاشماڻي، شاهجهان خواجه ۽ ونود ڪمار سيڻي معزز مهمانن جا ٿورا مڃيا

بقايا عوامي سوچ 12

تعلقا ٿاڻي جي حد جي نوجوان ۽ بهادر ايس ايڇ او منير احمد بالادي پنهنجي ٽيم سان گڏ ڳوٺ غلام محمد ٿهيم ۾ ڪارروائي ڪندي نوجوان نسل کي تباه ڪندڙ مشهور منشيات فروش عبدالحسن عرف ابوبڪرٿهيم کي گرفتار ڪري ورتو علائقي جي سياسي ۽ سماجي تنظيمن سنڌ پوليس جو واڪاڻ ڪندي اميد ظاهر ڪندي پوليس اهڙن منشيات فروشن خلاف اڃان به سخت قدم کڻندو اسان جي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 13

منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر آغا سليم جاويد پناڻ، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وڳڻ، بروڪ اداري جي مئنيجر ڊاڪٽر حبيب لغاري، ورلڊ بئنڪ جي مينيجر ڊاڪٽر شاهد ارائين، ڊاڪٽر صدف راڄپر ۽ ٻين شرڪت ڪندي چيو ت هن سيمينار منعقد ڪرڻ جو مقصد پاڳئين کي اها ڄاڻ ڏيڻ آهي ت هو بيمار جانورن جو پاڻمرادو علاج ڪرڻ بجاءِ جانور جي پالنا کاتي جي ڊاڪٽرن سان ل ويڄ ۾ اچي انهن سان مشورو ڪري بيمار جانورن جو علاج ڪرائين جيئن هو وڏي نقصان کان بچڻ سميت دوائن جي اثرن متعلق ب ڄاڻ حاصل ڪري سگهن. هنن چيو ته جانورن جي پالنا کاتي نٿي طرفان صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي جي خاص هدايتن تي يوسيزليول تي چوپائي مال کي مختلف بيمارين کان بچاء خاطر پري مون سون رين فلڊ ڪارپيٽ ويڪسين توڙي حفاظتي بچاء جي ٽڪن لڳائڻ واري مهم پهرين اپريل 2026 کان تيزي سان جاري آهي، پر هاڻي پاڳئين کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ تربيتي ڪئمپون ب لڳايون وينديون ت جيئن مالوند طبقو وڌ کان وڌ هن مان فائدو حاصل ڪري سگهي. هنن مالوند ماڻهن کي صلاح ڏيندي چيو ته هو پنهنجي بيمار ٿيندڙ چوپائي جي علاج ۾ فورن ڊاڪٽرن سان مشورو ڪن، جيئن سندن چوپايو مال وڌيڪ نقصان توڙي بيمارين کان بچي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 14

ڪيا ويا آهن پوليس ترجمان موجب تبادلن جو مقصد پوليس نظام ۾ شفافيت، نظم ضبط ۽ بهتر ڪارڪردگي کي يقيني بڻائڻ آهي ته جيئن مختلف ٿاڻن ۽ شعبي ۾ فرائض وڌيڪ مؤثر نموني سان انجام ڏئي سگهجن ايس ايس پي ٺٽو چيو آهي ته تبادلن جو عمل ميرٽ ۽ انتظامي ضرورتن کي نظر ۾ رکي مڪمل ڪيو ويو آهي هن تبادلي ٿيل اهلڪارن کي هدايت ڪئي ته هو فوري طور نون جاين تي رپورٽ ڪري پنهنجون ذميواريون سنڀالين ۽ عوام کي بهتر پوليسنگ فراهم ڪن سندس چوڻ هو ته پوليس کاتي ۾ احتساب، ميرٽ ۽ مؤثر ڪارڪردگي کي هر صورت يقيني بڻايو ويندو، جڏهن ته عوامي اعتماد جي بحالي لاءِ اهڙا قدم جاري رکيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 15

سيپڪو جوهي خلاف صارفينن واپاري دڪاندارن سيد علي رضا شاه ڪاظمي، وڪيل محمد عيسا پيرزادو، سيد اعجاز شاه , رستم جمالي , سهيل سرهيو، فهد چنه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري مرڪزي امام بارگاه اڳيان ٽائرن کي باهيون ڏئي شاميانه هٽي ويهي رهيا ان موقعي تي شهرين چيو ته گذريل ٽن مهينن کان سيپڪو جوهي عيد ويجهو ۽ گرمي ايندي ئي رهتون ۽ مختلف بهانا ڪري ٽرانسفارمر تان 11 هزار لنڪون لاهي صارفينن کي پريشان ڪري رهيا آهن هنن چيو ته جوهي تعلقي اندر 54 سينٽيگريڊ گرمي سبب اڳ ۾ ئي پچي رهيا آهيون معصوم ٻار رات جي وقت گرمي ۾ تڙپي رهيا آهن بجلي بند ڪرڻ سبب دڪاندارن جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته سيپڪو جوهي انتظاميه بجلي بند هئڻ باوجود به هر مهيني ڊڊڪشن ۽ صارفينن ڏانهن ڳرا بل موڪليان وڃن ٿا هنن چيو پ ايم اين اي رفيق احمد جمالي کي سيپڪو جوهي جي شڪايت ڏيڻ بعد مداخلت تي ٻن هفتن تائين بجلي ڏئي بعد ۾ 11 هزار تارن تان جهمر ئي لاهي صارفينن کي گرمي ۾ ماري رهيا آهن واپڊا خلاف احتجاج ڪرڻ تي سيپڪو جوهي طرفان صارفينن ڏانهن اضافي ڊڊڪشن بل اماڻن جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هنن چيو ته بجلي بند هئڻ ڪري گهرن اندر پيئڻ جو پاڻي ضو لاءِ پئسن عيوض خريد ڪرڻ تي مجبور آهيون اسان صارفينن جي ڪير به دانه ورناڻ وارو ناهي آخر ۾ هنن سيپڪو جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته قاضي محله جو ٽرانسفارمر بحال ڪري بجلي فراهم ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 16

ن تي ايس ڊي پي او ساڪرو ۽ ايس ايڇ او گهارو واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب ابتدائي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته نينگري کي هڪ چوڪري فون ڪري گهرايو هو جنهن ڪيس بوتل ڏني هئي، جڏهن ته معاملي بابت ٽيڪنيڪل بنيادن تي پڻ جاچ جاري آهي پوليس موجب نينگري پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو آهي ته بوتل ۾ مبينا طور نشي آور گوريون ملائي ڏنيون ويون هيون جنهن سبب هوءَ بيهوش ٿي وئي هئي پوليس جو چوڻ آهي ته ڪجهه جعلي صحافين پاران سوشل ميڊيا تي غلط ڄاڻ پڻ ڦهلائي وئي واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس اسٽنگ بوتل کي جاچ لاءِ ليبارٽري موڪلي ڇڏيو آهي ۽ واقعي بابت وڌيڪ شاهديون گڏ ڪيون پيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 17

وڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ تي با اثر ۽ ان جي غنڊن خلاف نيشنل پريس ڪلب جوهي اڳيان احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته هڪ هفتو اڳ سيد آباد محلي مان سويرا ڏي ساوڻ جسڪاڻي گهران نڪري نثار ڪوسو سان ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي هاڻ اسان خلاف ناري جي رشيتدار مخالفن اسان لاءِ ڌرتي ٽرامو ڪري ڇڏي آهي هنن چيو ته سويرا سان شادي ڪندڙ اسان جو ذات وارو ضرور آهي پر اسان جو ان شخص سان ڪافي وقت کان ڪوب واسطو تعلق ناهي مخالف اسان کي گهرن اندر ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته نياڻي واپس ڪرائي ڏيو نه ته اوهان کي زاتي نقصان پهچندو ۽ اوهان خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائينداسين اسان جا پلي نمبر ٽريس ڪرايا وڃن اسان جو پريمي جوڙي سان ڪوب واسطو ناهي اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيندڙن کان جان کي خطرو آهي اسان کي ڪوب نقصان پهتو ته ان جا زميوار مخالف هوندا آخر ۾ هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان کي تحفظ فراهم ڪري ڌمڪيون ڏيندڙ خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف ڏياريو وڃي.س

بقايا عوامي سوچ 18

ر ۽ ٻين استادن احتجاجي مظاهرو ڪري خزانا آفيس دادو آڏو ڌرڻو هنيو، خزانا عملي خلاف چتي نعري بازي ڪئي، اڳواڻن موجب گذريل 14 مهينن کان فيز 5 ۽ 6 جي استادن جون پگهارون خزانا آفيس جاري نه ڪيي آهي، ٻيي پاسي نيين آيل ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪايونٽ آفيسر عبدالفتاح سومرو ٽيليفون ذريعي ٻڌايو ته استادن جي پگهارن جو جايز مسيلو آهي جيڪو پراسيز ڪيون پيا، ايندڙ هفتي سپلي ۾ استادن کي پگهار جاري ڪيي ويندي، ڊسٽرڪٽ اڪايونٽنٽ آفيسر الطاف منگي جي خاطري بعد استادن هڪ هفتي لاءِ ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا عوامي سوچ 19

۽ ٻين دڪانن جو دورو ڪيو ويو دوري دوران دڪاندارن کي لائسنس ۽ چالان جون ڪاپيون فراهم ڪندي هدايت ڪئي وئي ته مقرر ڪيل فيس بينڪ ۾ جمع ڪرائي وڃي، جڏهن ته زائدالمعياد، صحت لاءِ هاڃيڪار ۽ ممنوعه شين خلاف ڪنهن به قسم جي عملي ڪارروائي نظر نه آئي سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي جي ايف ايس او محترمه ثمرين آرائين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ جي دوري دوران نئون ڪوٽ جي دڪاندارن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته هو سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي پاران مقرر ڪيل ايس او پيز تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائين، ٻي صورت ۾ سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي واضح رهي ته گذريل ڪئين سالن کان وقت بوقت سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم پاران نئون ڪوٽ جا دورا ڪيا ويندا رهيا آهن، جن دوران هر ڀيري دڪاندارن کي مقرر ڪيل فيس جا چالان جمع ڪرائڻ جون ڪاپيون ڏنيون وينديون آهن، جڏهن ته ايس او پيز جي پيچڪڙي ڪندڙن خلاف عملي ڪارروائي بابت سوالن کي نظرانداز ڪيو ويندو رهيو آهي

بقايا عوامي سوچ 20

1500استادن جي فيشل بائيوميٽرڪ جو عمل مڪمل تي ويو. مليل معلومات موجب غير حاضر ۽ پرڙيه وينل استادن خلاف عوامي شڪايتن تي تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاه ۽ سيڪريٽري زاهد عباسي جي هدايتن تي ڏوڪري تعلقي جي مڊل، سيڪنڊري، هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ قائم ٿيل فيشل ريڪگنيشن مانيٽرنگ اينڊ ايويلوئيشن سينٽر جي سلسلي ۾ هاءِ اسڪول ڏوڪري ۾ 1500 استادن جي فيشل بائيوميٽرڪ جو عمل مڪمل تي ويو. ڏوڪري تعلقي جي اسڪولن جي استادن ۽ ٽيچرس جي موبائيل ذريعي منهن جي بائيو ميٽرڪ سسٽم متعارف ڪرايو ويو. جنهن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر بائيو ميٽرڪ پرويز ٽنيو، سپريڊنٽ سي ايم او رياض احمد عباسي، مانيٽرنگ آفيسر راشد علي، غلام مصطفي ڪلهوڙو، اسسٽنٽ آفيسر بائيو ميٽرڪ، محمد آصف بڙدي ۽ ٻين ڏوڪري تعلقي جي ميل ۽ فيميل ٽيچرس کان فيس بائيو ميٽرڪ ورتي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڊائريڪٽر بائيو ميٽرڪ پرويز ٽنيو چيو ته صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه سيڪريٽري زاهد عباسي جي هدايتن تي نئون فيشل بائيو ميٽرڪ سسٽم متعارف ڪرايو آهي، جنهن ۾ اسڪول ايندڙ ۽ اسڪول مان ويندڙ استادن جي چهري جي بائيو ميٽرڪ سسٽم حاضري لڳائيندو ۽ تصديق ڪندو. ٻئي پاسي ڊي اِي او لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي چيو ته اڄوڪي هن دوري جو بنيادي مقصد ڊجيٽل حاضري ۽ تصديقي عمل لاءِ سينٽر تي ايندڙ ٽيچنگ توڙي نان ٽيچنگ عملي کي فراهم ڪيل سهولتن جو معائنو ڪرڻ آهي. هن چيو ته تعليمي نظام ۾ ڊجيٽل تبديلين کي ڀليڪار ڪيون ٿا، پر ان سان گڏ استادن جي عزت، نفس ۽ سهولتن کي اوليت ڏني ويندي. هن وڌيڪ چيو ته اهڙن سينٽرن تي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سان استادن جو مورال بلند ٿيندو ۽ ڊجيٽل گورننس جو عمل وڌيڪ ڪامياب ٿيندو.ان موقعي تي گستا اڳواڻ علي بخش پناڻ، پ ٽ الف تعلقه ڏوڪري جو صدر شفيق احمد هيسباڻي، قاضي برڪت , ياسر عرفات سومرو، فاروق احمد سرگاڻي، جاويد اختر ٻگهيو ۽ گستا ڏوڪري جا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 21

21/2026 قلم 302، 311، 114 ۽ 34 تحت داخل ڪري مقتولا جي والد، چاچي، ڀاءُ، سئوٽ سميت ويجهن مائٽن کي نامزد ڪيو ويو آهي، پوليس ڪارروائي دوران مرڪزي جوابدار علي اڪبر چانڊيو سميت 3 جوابدار گرفتار ڪري آلي قتل به هٿ ڪيو ويو آهي، ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي چيو آهي ته عورتن تي تشدد، ڪاروڪاري ۽ سنگين ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي ۽ سمورن جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏيارڻ لاءِ ڪيس کي مضبوط بنيادن تي اڳتي وڌايو پيو وڃي،

بقايا عوامي سوچ 22

عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري وئي، سومرڏهاڙي جنازي نماز دادو پرسان ڳوٺ شيخ دڙو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ صحافين، شهرين، وڪيلن، واپارين شرڪت ڪئي، مرحومه جي تدفين سندس اباڻي قبرستان شيخ دڙو ۾ ڪئي وئي، جڏهن ت اڄ اربع ڏهاڙي صبح جو قرآن خواني بعد ٽيجهي جو ننگر نياز تقسيم ڪيو ويندو، هوڏانهن مرحومه جي تڏي تي صحافين سرور جلال سولنگي، گلڻ پنڊ، محمد رفيق چنه سجاد علي سولنگي، اعجاز سمون، خالد عباسي، مختيار سومرو، آصف علي پنهور، رضوان منگي، علي گل چنه، سخي سردار چارڻ، ولي محمد لنڊ، راجا ياسين ڪوريجو، شيراز شيخ، نصير شيخ، ڊاڪٽر آفتاب پنڊ، محرم شينو اله بخش خشڪ، دانش خشڪ، بشير مگسي، قربان ڪوسو، مصطفيٰ کهرو، ۽ ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ۽ مرحومه جي بلند درجاحات لاءِ دعا مغفرت گهري،

بقايا عوامي سوچ 23

ضابطي اخلاق تي عملدرآمد ۽ ٻين انتظامن بابت هڪ اجلاس اڄ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته عيدالاضحيٰ مسلمان لاءِ هڪ وڏو ڏينهن آهي انهي لاءِ عيد جي موقعي تي صفائي سترائي جا بهترين انتظام ڪرڻ ضلعي انتظاميا جي اولين ذميواري آهي ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل ۽ ٽائون آفيسرن کي هدايت ڪئي ته قرباني جي جانورن جون آلائشون بروقت کڻڻ لاءِ هر علائقي ۾ موثر مانيٽرنگ ڪئي وڃي ۽ صفائي عملي جي حاضري يقيني بڻايو وڃيهن وڌيڪ چيو ته آلائشون مقرر ڪيل هنڌن تي محفوظ نموني دفن يا تلف ڪيون وڃن ته جيئن ماحولياتي آلودگي ۽ بيمارين جي ڦهلاءُ کان بچي سگهجي اجلاس ۾ جانورن جي کلن گڏ ڪرڻ بابت به تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ڊپٽي ڪمشنر واضح هدايت ڪئي ته کلون گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران جاري ڪيل ضابطن ۽ ايس او پيز تي سختي سان عمل ڪيو وڃي ۽ صرف مجاز ادارن کي اجازت ڏني وڃي ڊپٽي ڪمشنر پوليس عملدارن کي هدايت ڪئي ته غيرقانوني طور کلون گڏ ڪرڻ واري عمل خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٽائون چيئرمينن، ميونسپل ۽ ٽائون ڪميٽين جي آفيسرن ٻڌايو ته عيدالاضحي دوران ضلعي جي سمورن شهرن ۽ اهم علائقن ۾ صفائي سترائي لاءِ خصوصي پلان تيار ڪيو ويو آهي، جنهن تحت اضافي عملي، مشينري، گاڏين ۽ صفائي عملي کي مقرر ڪيو ويندو ان کان علاوه آلائشون گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي مقرر پوائنٽس قائم ڪيا ويندااجلاس ۾ ٽائون چيئرمين سيد عاطف زيدي، محمد حيات ڪاڪيپوٽو، چيئرمين ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ سيد عزير اختر شاهه، ڊي ايس پي پوليس اختر سمون، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ محمد صابر اوٺو، ٽائون آفيسر ڪاشف زرداري سميت اسسٽنٽ ڪمشنرن، ميونسپل ڪاميٽين، ٽائون ڪاميٽين، صحت، پوليس، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 24

جي لاڏاڻي تي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو.ان موقعي تي صوبائي وزيرچيو ته مرحوم قاصر چانڊيو هڪ بهادر، بيباڪ ۽ اصول پرست صحافي هو سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون هن مرحوم جي مغفرت ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ گهري. تعزيتي موقعي تي عبداللطيف ميمڻ، شاهنواز لوهار، نظير زرداري، رمضان پنهور، حسن علي زنگياڻي بروچ، شير خان چانڊيو، رضا محمد ڪلمتي بروچ، صحافي محبوب بروهي، بلاول سمون غلام حيدر ڪتي ۽ ٻين سياسي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن سميت شهرين جو وڏو انگ پڻ موجود هو

بقايا عوامي سوچ 25

ويو آهي وارثن جو چوڻ آهي ته گهرو اٽڪٽ سبب نوجوان پاڻ مٿان پستل جا فائر ڪري خودڪشي ڪئي آهي جنهن کي سول اسپتال مورو ۾ پهچايو ويو جتي سهولتن جي کوٽ سبب ڪيس نوابشاهه اسپتال منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي مگر سول اسپتال جي ايمبولينس جو ڊرائيور نه هجڻ ڪري نوجوان تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 26

جرئتمند ۽ تڪراري بيانن لاءِ مشهور هو. ۽ جيئن ئي سندس موت جي خبر سامهون آئي، تامل فلم انڊسٽري ۾ غم جي لهر پکڙجي وئي. اداڪاره خوشبو سندر سندس موت تي سوشل ميڊيا تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته ڪي. راجن هڪ باوقار شخصيت هئي جنهن هميشه بي خوف ٿي سچ ڳالهايو. ڪي. راجن 1983 ۾ تامل فلمن سان هڪ پروڊيوسر جي حيثيت سان پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. هن 1991 ۾ فلم ناما اورو ماريا ما جي هدايتڪاري پڻ ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 27

۾ بنگلاديش خلاف ٻئي ٽيسٽ ميچ جي ٻئي ڏينهن جي راند جي آخر ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي بابر اعظم چيو ته پچ تمام سٺي آهي، بال بيٽ تي سٺي نموني اچي رهي آهي پر اسان پارٽنرشپ نه ٺاهي سگهياسين. بابر اعظم چيو ته مون ۽ سلمان آغا پارٽنرشپ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي، شروعات سٺي هئي پر بدقسمتي سان پارٽنرشپ ناڪام ٿي وئي. ناهيد رانا ريڊ بال ڪرڪيٽ جي فاسٽ بالر آهي، هر ٽيم ۾ 140 کان مٿي اسپيڊ وارا بالر هوندا آهن ۽ بيٽسمين انهن کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن چيو ته مون قدرتي راند کيڏڻ جي پوري ڪوشش ڪئي پر ڪڏهن ڪڏهن توهان رن ٺاهيندا آهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن نه. بابر چيو ته اننگز جو موڙ منهنجي ۽ سلمان علي آغا جي وڪيٽ هئي، انهن 2 وڪيٽن جي ڪري راند جو مومينٽم بدلجي ويو. هن چيو ته اسان مسلسل ڪرڪيٽ کيڏي رهيا آهيون. ڪو به ذهني رڪاوٽ ناهي، اسان صرف منصوبي مطابق پارٽنرشپ قائم نه ڪري سگهيا آهيون. ٽيسٽ ميچ ۾ ٻه يا ٽي سٺيون پارٽنرشپ جي ضرورت هوندي آهي. بيٽنگ يونٽ کي ذميواري کڻڻي پوندي ۽ پارٽنرشپ ٺاهڻي پوندي. بابر چيو ته هڪ وڪيٽ ڪرڻ کان پوءِ، ٻه يا ٽي وڪيٽون ڳالهائي رهيا آهن. جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ آهي ته اسان ان کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. بابر اعظم چيو ته هڪ ٽيم جي حيثيت سان، اسان سوچيون ٿا ته اسان کي هر سيريز، هر ميچ ۽ ورلڊ ڪپ ۾ سٺو ڪم ڪرڻو آهي. ڪو به اهو ذهنيت سان نٿو هلي ته اسان سٺو نه ڪيو يا اسان نه ڪٽيو. هر ڪو مثبت ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن چيو ته اسان کي غلطيون گهٽ ڪرڻيون پونديون. اهو اسان سڀني لاءِ سٺو آهي. ياد رهي ته سلهٽ ۾ جاري ٻئي ٽيسٽ ميچ ۾، پاڪستان ٽيم بنگلاديش جي 278 رنسن جي جواب ۾ پنهنجي پهرين اننگز ۾ 232 رنسن تي آل آئوٽ ٿي وئي. بابر اعظم 68، سلمان آغا 21 ۽ محمد رضوان 13 رنسون ٺاهيون. بنگلاديش ٻئي ڏينهن جي راند جي آخر تائين ٻئي اننگز ۾ 3 وڪيٽن جي نقصان تي 110 رنسون ٺاهيون ۽ پاڪستان تي 156 رنسن جي ڪل برتري حاصل ڪري ورتي.

بقايا عوامي سوچ 28

جو تعاقب ڪري رهي آهي437 رنسن جي هدف جي پٺيان پاڪستان چوٿين ڏينهن جي راند جي پڄاڻي تائين 7 وڪيٽن جي نقصان تي 316 رنسون ٺاهي ورتيون آهن محمد رضوان 75 ۽ ساجد خان 8 رنسون ٺاهي ناٽ آئوٽ آهن پاڪستان کي ڪاميابي لاءِ وڌيڪ 121 رنسون جڏهن ته بنگلاديش کي 3 وڪيٽون گهربل آهن ان کان اڳ اڄ چوٿين ڏينهن جي شروعات پاڪستاني اوپنرن اذان اويس ۽ عبدالله فضل ڪئي، پر 27 جي مجموعي اسڪور تي عبدالله فضل 6 رنسون ٺاهي ناهيد رانا جو شڪار بڻيو ان کان پوءِ اذان اويس به 41 جي مجموعي اسڪور تي 21 رنسن جي اننگز کيڏي پويلين موٽي ويو۽ وڪيٽن جي نقصان کان پوءِ بابر اعظم ۽ شان مسعود سٺي ڀائيواري قائم ڪئي، پر بابر اعظم 52 بالن تي 47 رنسون ٺاهي تيج الاسلام جو شڪار بڻجي ويو، جڏهن ته شان مسعود 71 رنسون ٺاهي آئوٽ ٿيوواضح رهي ته سلهٽ ٽيسٽ ۾ بنگلاديش پهرين اننگز ۾ 278 رنسون ٺاهيون هيون، جنهن جي جواب ۾ پاڪستاني ٽيم 232 رنسون ٺاهي آئوٽ ٿي وئي ۽ 46 رنسن جي خساري ۾ هلي وئي بنگلاديشي ٽيم پنهنجي ٻي اننگز ۾ 390 رنسون ٺاهيون ۽ 46 رنسن جي برتري سان پاڪستان کي ڪاميابي لاءِ 437 رنسن جو هدف ڏنو.

بقايا عوامي سوچ 29

سان ڀرپور آهي ۽ اها چار جون تي نيٽ فلڪس تي رليز ڪئي ويندي. نيٽ فلڪس ماڌوري ڊڪشت جي سالگرهه جي موقعي تي فلم جو ٽيزر جاري ڪندي اعلان ڪيو ته هيءُ هڪ ڪرائم، ڪاميڊي، هنگامي ۽ تجسس سان ڀرپورواقعن جو مجموعو آهي. نيٽ فلڪس طرفان سوشل ميڊيا پوسٽ سان گڏ دلچسپ ڪيپشن پڻ شيئر ڪيو ويو جنهن ۾ لکيل هو ته " ڌڪ ڌڪ ٿئي پئي ؟ تاريخ نوٽ ڪري ڇڏيو مان بيهن چار جون تي رڳو نيٽ فلڪس تي." فلم جي هدايتڪاري سريش ترويني ڪئي آهي جڏهن ته ڪهاڻي هڪ اهڙي ماءُ ۽ ان جي ٻن ڌيئرن جي چوڌاري ڦري ٿي جن جي زندگي ان وقت مڪمل طور تي بدلجي ويندي آهي جڏهن سندن رڌڻي ۾ اوچتو هڪ لاش ظاهر ٿيندو آهي. ڪهاڻي ۾ ريڪا، جيا ۽ سُشما نالي ٽيئي عورتون سچ لڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، پر ڪوڙ، ڊپ، گهبراهٽ ۽ پاڙيسرين جي مداخلت سندن مشڪلاتن ۾ وڌيڪ واڌارو ڪري ٿي. فلم ۾ ماڌوري ڊڪشت، ريڪا جي ڪردار ۾ نظر ايندي جڏهن ته ترپتي ڊمري ۽ ڊرنا، دُرگا سنڌس ڌيئرن جو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. ان ڪانسواءِ روي ڪشن به اهم ڪردار ۾ شامل آهي. ٻين ڪاسٽ ۾ گيتانجلي ڪلڪرني، ارونوديا سنگهه ۽ شردول پردواج شامل آهن.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ڳوٺ ليت ننگر خان چانڊيو جي اسپتال ۾ ڊگهي عرصي کان ڊاڪٽر ۽ طبي عملي جي غيرموجودگي خلاف ڳوٺاڻا سراپا احتجاج بڻجي ويا

احتجاج جي اڳواڻي وڏيرو غلام سرور چانڊيو، ڪامريڊ مسرور احمد چانڊيو ۽ عبدالرزاق چانڊيو ڪري رهيا هئا

ليت ننگر خان چانڊيو جي اسپتال جي عمارت مڪمل ٿيڻ باوجود هيل تائين ڊاڪٽر مقرر نہ ڪيا ويا آهن، جيڪا صحت کاتي جي کليل نااهلي آهي

ڊاڪٽرن ۽ عملي کي مقرر ڪري عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

منياٽي (رپورٽر)منياٽي پرسان ڳوٺ ليت ننگر خان چانڊيو جي اسپتال ۾ ڊگهي عرصي کان ڊاڪٽر ۽ طبي عملي جي غيرموجودگي خلاف ڳوٺاڻا سراپا احتجاج بڻجي ويا احتجاج جي اڳواڻي وڏيرو غلام سرور چانڊيو، ڪامريڊ مسرور احمد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

والد جان محمد جي "الله والا بکيري" هئي، جيڪا بعد ۾ دڪان ۾ تبديل ڪئي وئي: سهيل ميمڻ

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)سهيل ميمڻ ٻڌايو تہ سندس والد جان محمد جي "الله والا بکيري" هئي، جيڪا بعد ۾ دڪان ۾ تبديل ڪئي وئي هن چيو تہ هو 12 پائر پينر آهن ۽ هنن پنهنجا ذاتي دڪان پنو ديوان ۽ رمضان ميمڻ کي ڪرائي تي ڏنا هئا. پر هاڻي اهي خالي نہ ڪيا پيا وڃن سندس مطابق ڪجھ بااثر ماڻهن جي سرپرستي ۾ دڪانن تي غيرقانوني قبضي جي ڪوش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سولنگي برادري جي ٻن ڌرين علي گوهر سولنگي ۽ سب انسپيڪٽر علي اصغر سولنگي ۾ جهيڙو، ڪيترائي زخمي

جنهن دوران لٺيون ۽ ڏنڊا هلڻ سبب هڪ پيرسن سميت ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا

هڪ ڌر جا زخمي دادن علي، افضل خان، عاقب حسين، فيصل، علي رضا ۽ هڪ عورت سميت ڪل 8 ڄڻا زخمي ٿيا

ٻي ڌر جا الياس، علي گوهر ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پيا ,واقعي بعد ايس ايڇ او منياٽي معاملي جو نوٽيس وٺندي ٻنهي ڌرين خلاف اين سي (NC) داخل ڪري ڇڏي

منياٽي (رپورٽ ميول خان مستوئي) منياٽي ٿاڻي جي حد ٺٽ ڳوراهو پرسان ڪوڙيجا پاڙ ڳوٺ ۾ ڪتي جي معمولي ڳالهہ تان سولنگي برادري جي ٻن ڌرين علي گوهر سولنگي ۽ سب انسپيڪٽر علي اصغر سولنگ ٻيي جن جو پاڙ ۾ جهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ايم نائن موٽروي حادثي ۾ شهيد ٿيل ڪانسٽيبل واجد علي کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ڪانسٽيبل واجد علي ميراڻي جي نمازِ جنازو سندس اباڻي ڳوٺ حاجي لطيف شاهہ ۾ ادا ڪئي وئي

نمازِ جنازي بعد پوليس جي چاق وچوبند دستي شهيد کي سلامي پيش ڪئي

شڪارپور (رپورٽر)ايم نائن موٽروي حادثي ۾ شهيد ٿيل ڪانسٽيبل واجد علي کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.شڪارپور: ضلع ملير جي حدن اندر ايم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سماجي اڳواڻ فيضان شفيق جمالي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۾ شموليت جو اعلان

سماجي ڀلائي، نوجوانن جي حقن ۽ سنڌ ڌرتي جي بهتر مستقبل لاءِ سندس جدوجهد جاري رهندي

غريبن جي حقن لاءِ اسان جي جدوجهد هميشہ جاري رهندي : امير آزاد پنهور

اسان پنهنجي ڌرتي جي حفاظت پنهنجي جان کان بہ وڌيڪ ڪنداسين

تلهار(رپورٽر مختياراحمد ملاح) شاگردن جي تعليم لاءِ جاکوڙ ڪندڙ سماجي اڳواڻ فيضان شفيق جمالي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو آهي. هن اهڙو اعلان تلهار ۾ پارٽي جي مرڪزي نائب صدر امير آزاد پنهور سان هڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڪيٽي بندر لڳ ٻگهاڻ ۾ تعليمي جاڳرتا ريلي، مائٽن کي ٻار اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ جي اپيل

ڪيٽي بندر جي آسپاس واري علائقي ٻگهاڻ ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ شاندار تعليمي جاڳرتا مهم جو آغاز

گورنمنٽ هاءِ اسڪول ٻگهاڻ ۽ اين سي ايڇ ڊي (NCHD) جي گڏيل سهڪار سان هڪ وڏي تعليمي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

جنهن ۾ استادن، شاگردن، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو نادر علي) ڪيٽي بندر جي آسپاس واري علائقي ٻگهاڻ ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ شاندار تعليمي جاڳرتا مهم جو آغاز ڪيو ويو آهي. ان ئي سلسلي ۾ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ٻگهاڻ ۽ اين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

PEHLA QADAM
MINISTRY OF FEDERAL EDUCATION & PROFESSIONAL TRAINING, GOVERNMENT OF SINDH
NATIONAL COMMISSION FOR HUMAN DEVELOPMENT, DISTRICT THATTA, SINDH
IMPLEMENTATION OF SINDH ENROLMENT & RETENTION DRIVE 2026-27
اسڪول داخلا مهم
2026-27
FROM: EUCATION & LITERACY DEPARTMENT AND NCHD DISTRICT THATTA
پڙهندي سنڌ تہ وڌندي سنڌ

دادو لڳ ڳوٺ اسماعيل جا پاڻ جي رهواسين جو احتجاج

اسان مالوند ماڻهو آهيون ڪڏهن ڪٽي تہ ڪڏهن ڪٽي پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندا آهيون

مخالف راحب رند، رضا محمد رند، گلشير رند، مهراب رند، راڻو رند ڌر سان پراڻو خوني تڪرار هلندڙ آهي

ڪجھ عرصو اڳ مخالفن نصير آباد ٿاڻي جي حد ۾ اسان جي عورت کي قتل ڪيو هو

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو لڳ ڳوٺ اسماعيل جا پاڻ جي رهواسين علي محمد رند گلاب رند، خان محمد رند، الهجڙيو رند مخالفن جي ظلمن ۽ پوليس پاران قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري. اسماعيل جا پاڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ٽي سال اڳ پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي موتمار ڌمڪيون ملڻ بعد چوهڙ جمالي پريس ڪلب پهچي تحفظ جي اپيل

ڳوٺ محمد اشرف درس جي رهواسي نوجوان عيسي پٽ انب ملاح سان ٽي سال اڳ سجاول ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪيو هو

مون اڳوڻي مڙس محمد حسن ملاح کان طلاق وٺي پنهنجي رضا خوشي سان درگاهہ مسڪين شاهہ جي رهواسي عيسي ملاح سان ٽي سال اڳ سجاول ڪورٽ ۾ نڪاح ڪيو هو: ناري

منهنجي مڙس عيسي ملاح جي جان جا دشمن ٿي پيا آهن اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن

چوهڙ جمالي (رپورٽ شاهدحسيني) ٽي سال اڳ پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي موتمار ڌمڪيون ملڻ بعد چوهڙ جمالي پريس ڪلب پهچي تحفظ جي اپيل ڪئي جاتي تعلقي جي ڦيضي نالي جي رهواسڻ طلاق يافتہ ناري مسمات بچل ڏي ناتو ملاح /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

PRESS
چوهڙ جمالي پريس ڪلب ضلعو سجاول

سجاول سنڌ جي ناليواري اديبہ شاعره ۽ تعليمدان مريم مجيدي لاڏاڻو ڪري وئي

سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ماڻهن اديبن شاعرن استادن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ناليواري استاد ۽ انقلابي شاعر محمد خان مجيدي جي نياڻي مريم مجيدي سنڌ جي ناليواري شاعره، ليکڪا ۽ استاد هئي

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ)سجاول سنڌ جي ناليواري اديبہ شاعره ۽ تعليمدان مريم مجيدي لاڏاڻو ڪري وئي سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ماڻهن اديبن شاعرن استادن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ناليواري استاد ۽ انقلابي شاعر محمد خان مجيدي جي نياڻي مريم مجيدي سنڌ جي ناليواري شاعره، ليکڪا ۽ استاد هئي. جنهن سنڌي ادب ۾ پنهنجي منفرد شاعري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڪاڇيلو فارم جا سنڌڙي انب عالمي مارڪيٽ تائين پهچي ويا

پاٽي ڪوٽ ۽ زرعي بحران سبب آبادگار پريشان: فيصل ڪاڇيلو

نرم رويو ۽ خدمت واري جذبي تي يقين رکي ٿو، جو تہ عوام جي عزت، محبت ۽ اعتماد ئي سندس اصل طاقت آهي

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) سنڌڙي انب جي پيداوار ۽ معياري باغن سبب سڃاتپ رکندڙ ميرپورخاص ضلعي جي تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ واقع ڪاڇيلو فارم پنهنجي زرعي اهميت ۽ اعليٰ معيار جي انبن سبب سڃي علائقي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي ميرپورخاص جي ٽيم پاران مختلف هول سيل، ڪرياني ۽ ٻين دڪانن جو دورو

دوري دوران دڪاندارن کي لائسنس ۽ چالان جون ڪاپيون فراهم ڪندي هدايت ڪئي وئي

زائدالمعياد، صحت لاءِ هاڃيڪار ۽ ممنوعہ شين خلاف ڪنهن بہ قسم جي عملي ڪارروائي نظر نہ آئي

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي ميرپورخاص جي ٽيم پاران نئون ڪوٽ جي شاهي بازار ۾ مختلف هول سيل، ڪرياني /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

دادو ۾ نيبين پرتي ٿيل استادن جون گذريل 14 مهينن کان پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

ايندڙ هفتي سپلي ۾ استادن کي پگهار جاري ڪيي ويندي

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر الطاف منگي جي خاطري بعد استادن هڪ هفتي لاءِ ڌرڻو ختم ڪيو

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پ ٽ الف دادو جوهي کي اين شاهہ ۽ ميهڙ جي اڳواڻ ضلعي صدر دادو عمران سومرو جنرل سيڪريٽري وسيم ڪوڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

جوهي شهر سيدآباد ڪالوني جي رهواسين جو احتجاج

سويرا ڏي ساوڻ جسڪاڻي گهران نڪري نثار ڪوسو سان ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

هاڻ اسان خلاف ناري جي رشيتدار مخالفن اسان لاءِ ڌرتي ٽرامو ڪري ڇڏي آهي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) جوهي شهر سيدآباد ڪالوني جي رهواسين نظام الدين، غلام مصطفي، علي مرتضا ڪوسو موت مار ڌمڪيون ۽ ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ايس ايس پي ٺٽو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جو فوري نوٽيس وٺندي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ايس ڊي پي او ساڪرو ۽ ايس ايڇ او گهارو واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ايس ايس پي ٺٽو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جو فوري نوٽيس وٺندي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.ايس ايس پي جي هدايت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

جوهي ۾ ٽن مهينن کان ٽرانسفارمر تان 11 هزار تارن تان جهمپر لاهي بجلي بند ڪرڻ تي دڪاندارن جو احتجاج

مرڪزي امام بارگاهہ اڳيان تائرن کي باهيون ڏئي شاميانہ هڻي ويهي رهيا

جوهي تعلقي اندر 54 سينٽيگريڊ گرمي سبب اڳ ۾ ئي پچي رهيا آهيون

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) جوهي شهر قاضي محلہ ۾ گذريل ٽن مهينن کان ٽرانسفارمر تان 11 هزار تارن تان جهمپر لاهي بجلي بند ڪرڻ تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ضلعي ڀر ۾ سالن کان هڪ ئي هنڌ مقرر رهندڙ پوليس اهلڪارن جا تبادلا ڪيا ويا

تبادلن جو مقصد پوليس نظام ۾ شفافيت، نظم ضبط ۽ بهتر ڪارڪردگي کي يقيني بڻائڻ آهي

جيئن مختلف ٿاڻن ۽ شعبي ۾ فرائض وڌيڪ مؤثر نموني سان انجام ڏئي سگهجن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ايس ايس پي ٺٽو ساجد امير سدوزئي جي حڪمن تي ضلعي ڀر ۾ سالن کان هڪ ئي هنڌ مقرر رهندڙ پوليس اهلڪارن جا تبادلا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

جانور جي پالنا واري کاتي ٺٽي طرفان بروڪ اداري جي سهڪار سان هڪ سيمينار منعقد

ڊاڪٽر حبيب لغاري، ورلڊ بئنڪ جي مينيجر ڊاڪٽر شاهد ارائين، ڊاڪٽر صدف راجپر ۽ ٻين شرڪت

هن سيمينار منعقد ڪرڻ جو مقصد پاڳئين کي اها ڄاڻ ڏيڻ آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جانور جي پالنا واري کاتي ٺٽي طرفان بروڪ اداري جي سهڪار سان هڪ سيمينار جانورن جي پالنا کاتي مڪلي جي آفيس ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ٽنڊوآدم سنڌ پوليس منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروائي، هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي

نوجوان نسل کي تباهہ ڪندڙ مشهور منشيات فروش عبدالحسن عرف ابوبڪرٿهيم کي گرفتار ڪري ورتو

علائقي جي سياسي ۽ سماجي تنظيمن سنڌ پوليس جو واکاڻ ڪندي اميد ظاهر

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم سنڌ پوليس منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروائي ڪندي هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

محفوظ تعليمي ماحول هر ٻار جو بنيادي حق آهي: اي ڊي سي ٺٽو

محفوظ تعليمي ماحول هر ٻار جو بنيادي حق آهي

تعليمي ادارن ۾ حفاظتي شعور اجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو عمران الحق چيو آهي تہ محفوظ تعليمي ماحول هر ٻار جو بنيادي حق آهي_ايڊيشنل ڊپٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڏوڪري تعلقي جي مڊل، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي 1500 استادن جي فيشل بائيو ميٽرڪ جو عمل مڪمل ٿي ويو

ڏوڪري تعلقي جي اسڪولن جي استادن ۽ ٽيچرس جي موبائيل ذريعي منهن جي بائيو ميٽرڪ سسٽم متعارف ڪرايو ويو

اسسٽنٽ آفيسر بائيو ميٽرڪ، محمد آصف ٻرڙي ۽ ٻين ڏوڪري تعلقي جي ميل ۽ فيميل ٽيچرس کان فيس بائيو ميٽرڪ ورتي

صوبائي وزير سيد سردار علي شاهہ سيڪريٽري زاهد عباسي جي هدايتن تي نئون فيشل بائيو ميٽرڪ سسٽم متعارف ڪرايو آهي

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري تعلقي جي مڊل، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي 1500 استادن جي فيشل بائيو ميٽرڪ جو عمل مڪمل ٿي ويو. تفصيل موجب ڏوڪري تعلقي جي مڊل اسڪول، سيڪنڊري ۽ هاءِ اسڪولن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

دادو ۾ ڳوٺ ناري ۾ ڪاروڪاري جي الزام هيٺ نينگري قتل، سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل، 3 جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي دوران مرڪزي جوابدار علي اڪبر چانڊيو سميت 3 جوابدار گرفتار ڪري آلي قتل بہ هٿ ڪيو ويو

عورتن تي تشدد، ڪاروڪاري ۽ سنگين ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن سان ڪا بہ رعايت نہ ڪئي ويندي

سمورن جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏيارڻ لاءِ ڪيس کي مضبوط بنيادن تي اڳتي وڌايو پيو وڃي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) ٿاڻو شاهہ پنجو سلطان جي حد ڳوٺ ناري ۾ نينگري سومل چانڊيو کي ڪاروڪاري جي الزام هيٺ قتل ڪرڻ واري واقعي جو سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب ايف آءِ آر نمبر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

دادو پريس ڪلب جي سينئر صحافي عبدالفتاح شيخ جي امڙ وفات ڪري وئي

سومرڏهاڙي جنازي نماز دادو پرسان ڳوٺ شيخ دڙو ۾ ادا ڪئي وئي

جنهن ۾ وڏي انگ ۾ صحافين، شهرين، وڪيلن، واپارين شرڪت ڪئي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو پريس ڪلب جي سينئر صحافي عبدالفتاح شيخ جي امڙ ۽ دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ جي ماسي ڪافي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڊپٽي ڪمشنر پاران لاڳاپيل ادارن کي جامع حڪمت عملي تي عملدرآمد جون هدايتون جاري

ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ عيدالاضحيٰ جي موقعي تي ضابطي اخلاق تي عملدرآمد بابت اجلاس

عيدالاضحيٰ مسلمان لاءِ هڪ وڏو ڏينهن آهي انهي لاءِ عيد جي موقعي تي صفائي سترائي جا بهترين انتظام ڪرڻ ضلعي انتظاميا جي اولين ذميواري آهي ڊپٽي ڪمشنر

قرباني جي جانورن جون آلائشون بروقت ڪڻڻ لاءِ هر علائقي ۾ موثر مانيٽرنگ ڪئي وڃي

نوابشاهہ (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ عيدالاضحيٰ جي موقعي تي ضلعي اندر صفائي سترائي، قرباني جي جانورن جون آلائشون بروقت ڪڻڻ، جانورن جي کلن جي گڏ ڪرڻ بابت جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

حاجي علي حسن زرداري، ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور سان گڏ ورشهر پهتو

سينيئر صحافي، ڪالم نگار ۽ سماجي شخصيت قاصر چانڊيو جي لاڏاڻي تي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي

مرحوم قاصر چانڊيو هڪ بهادر، بيباڪ ۽ اصول پرست صحافي هو سندس خدمتون هميشہ ياد رکيون وينديون

بلاول سمون غلام حيدر ڪتي ۽ ٻين سياسي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن سميت شهرين جو وڏو انگ پڻ موجود هو

گهوڙاٻاري(سيد شاهہ خالدڏاتاري) ورشهر ۾ ورڪس سروسز ۽ جيل کاتي جي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور سان گڏ ورشهر پهچي سينيئر صحافي، ڪالم نگار ۽ سماجي شخصيت قاصر چانڊيو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

مورو جو نوجوان ٻابر عرف راجا ولد علي اصغر سولنگي جو گولي لڳل لاش هٿ آيو

جنهن کي وارثن طرفان فوري طور تي مورو سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

گهرو اٽڪٽ سبب نوجوان پاڻ مٿان پسٽل جا فائر ڪري خودڪشي ڪئي آهي جنهن کي سول اسپتال مورو ۾ پهچايو ويو

جتي سهولتن جي کوٽ سبب ڪيس نوابشاهہ اسپتال منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

مورو (رپورٽر) مورو شهر جي گڇيرو روڊ جو رهواسي نوجوان ٻابر عرف راجا ولد علي اصغر سولنگي جنهن جو گهر مان مبينہ طور تي لوڏڙي ۾ گولي لڳل لاش هٿ آيو آهي جنهن کي وارثن طرفان قوري طور تي مورو سول اسپتال منتقل ڪيو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

تامل فلم پروڊيوسر ڪي راجن خودڪشي ڪري ڇڏي

هندستاني تامل فلم انڊسٽري جي مشهور پروڊيوسر ڪي. راجن 85 سالن جي عمر ۾ چنائي ۾ اديار نديءَ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي

تامل فلم انڊسٽري ۾ غم جي لهر پکڙجي وئي، اداڪاره خوشبو سندر سندس موت تي سوشل ميڊيا تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪيو

راجن 1983 ۾ تامل فلمن سان هڪ پروڊيوسر جي حيثيت سان پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي



ممبئي (شوبز نيوز) هندستاني تامل فلم انڊسٽري جي مشهور پروڊيوسر ڪي. راجن 85 سالن جي عمر ۾ چنائي ۾ اديار نديءَ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي. رپورٽن موجب، ڪي. راجن جي موت جي تصديق ٿي چڪي آهي، واقعي جي جاچ جاري آهي جڏهن تہ پوليس وڌيڪ تفصيل گڏ ڪري رهي آهي. ڪي. راجن تازن سالن ۾ فلمي پروگرامن ۾ پنهنجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ٽيم جي حيثيت سان هر ميچ سٺو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون: بابر اعظم

سلهٽ(ويب ڊيسڪ) پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اسٽار بيٽسمين بابراعظم جو چوڻ آهي تہ اسان هڪ ٽيم جي حيثيت سان سوچيون ٿا تہ اسان کي هر سيريز، هر ميچ ۽ ورلڊ ڪپ ۾ سٺو ڪم ڪرڻو آهي. ڪو بہ اهڙي ذهنيت سان نٽو هلي تہ اسان سٺو ڪم نہ ڪيو يا اسان ڪٿيو نہ.سلهٽ /ڏسو صفحو 3بقايا نمبر27

ٻئي ٽيسٽ کٽڻ لاءِ پاڪستان کي 121 رنز گهربل

پاڪستان چوٿين ڏينهن جي راند جي پڄاڻي تائين 7 وڪيٽن جي نقصان تي 316 رنسون ناهي ورتيون

پاڪستان کي ڪاميابي لاءِ وڌيڪ 121 رنسون جڏهن تہ بنگلاديش کي 3 وڪيٽون گهربل آهن

سلهٽ (اسپورٽس نيوز) ٻئي ٽيسٽ ۾ پاڪستان جي ٻي اننگز ۾ بيٽنگ جاري آهي ۽ قومي ٽيم ڪاميابي لاءِ 437 رنسن جي هدف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ماڌوريءَ ۽ ترپتيءَ جي فلم "ماءُ ڀيڻ" جي رليز جو اعلان

بالي ووڊ جي سينيئر اداڪارا ماڌوري ڊڪشت ۽ ترپتي ڊمري جي نئين نيٽ فلڪس فلم "مان ڀيهن "جي رليز جي تاريخ سامهون اچي وئي

ڪهاڻي هڪ اهڙي ماءُ ۽ ان جي ٻن ڌيئرن جي چوڌاري ڦري ٿي جن جي زندگي ان وقت مڪمل طور تي بدلجي ويندي آهي

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ جي سينيئر اداڪارا ماڌوري ڊڪشت ۽ ترپتي ڊمري جي نئين نيٽ فلڪس فلم "مان بيهن "جي رليز جي تاريخ سامهون اچي وئي آهي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، فلم جي ڪهاڻي ڏوهن ۽ مزاح /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29